ڪامريڊ غلام محمد لغاري

منهنجي آکاڻي

منهنجي آکاڻي

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد سنڌ

قيمت: ست رپيا

[ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ]

ڇپجڻ جو مهينو: جولاءِ ١٩٨٥ع
ڇپيندڙ: احمد برادرس، ڪراچي.
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ.
ايڊريس: پوسٽ باڪس نمبر ١٩١، جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد سنڌ.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

٥

[سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر ١١]

٥

آيل ڪتاب

١. علامه آءِ آءِ قاضي - قاضي فيض محمد	(ختم ٿيل)
٢. ڏکيون جان نه هٽن - ناز سنائي	(ختم ٿيل)
٣. ڪيان تان ڪاف - ناز سنائي	..-- ١٥
٤. ماڻڪ ڪاٺوڙيءَ ڪليا - ناز سنائي	..-- ٢٥
٥. رٻ جي رهنو ٿيا - ناز سنائي	..-- ٢٥
٦. تو نٽر مڻ ڏوريا - ناز سنائي	..-- ١٥
٧. هاري ڪميٽيءَ الائي تحريڪ - قاضي فيض محمد	..-- ١٠
٨. زندگي نا جي جهوڪ جي ماڻ - خادم غلام محمد لغاري	..-- ٧
٩. چانڊوڪي ۽ زهر - موهن ڪلپنا	..-- ١٢
١٠. زندگي - موهن ڪلپنا	..-- ١٢

٥ ٥ ٥

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪامريڊ لغاريءَ جي مظلوم

نياڻي،

مهرالنساءِ لغاري

جي نالي —

ٻه اکر

هيءَ اسان جي اداري پاران سنڌ جي سماجي ڪارڪن جو پارسي بدڪاپو
غلام محمد لغاري جو ٻيو نمبر ڪتاب آهي، جيڪو اسان جي اداري پاران
شايع ٿي رهيو آهي. هن کان پهريان ڪتاب نه رڳو اسان جي اداري پاران
شايع ٿي چڪا آهن پر 'پنهوار اشاعت گهر' حيدرآباد پاران پڻ
شايع ٿيا آهن. ظاهر آهي ته اهي ٻئي ڪتاب مختلف وقتن تي ادارن پاران
شايع ٿيڻ ته ڪافي ثابت ٿيا. بعد ۾ 'پنهوار اشاعت گهر' وارن ته
منهنجي 'آڪاش' ڪتاب جي مهاڳ ۾ شروعاتي صفحن ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي
منهنجي خلاف لکڻ جا جواب اسان جي اداري کي ٻنهي نامعلوم اداري
ڪونه آهي. بهرحال ته ڏيندو ته اسان پنهنجي پاران به وضاحت طور
ڪجهه لکون. جيئن سنڌي ٻولي جا پڙهندڙ پنهنجي ادارن جي موقف کان
واقف ٿي وڃن ۽ اصل صورتحال ظاهر ٿي پوي.

ڪامريڊ غلام محمد لغاري سنڌ جو محسن هو. هن سنڌ ڌرتي
۽ عظيم مقصد لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون هيون، جنهن جا سنڌ جي تاريخ ۾ انمٽ
نشان موجود آهن. منهنجي ان عظيم انسان سان عقيدت ۽ نيازمندي
سالن جي آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر مون پنهنجي ڪتاب 'ماڻڪ موتي
لعل' (مارچ ١٩٨٤ع) ۾ ڪامريڊ تي لکيل خاڪي ۾ ڪيو آهي.

'پنهوار اشاعت گهر' وارن منهنجي 'آڪاش' ڪتاب جي ص ١٣ تي
ناظم لغاري جا جيڪي بعد ۾ شايع ٿيا الزام ۽ تهمتون لڳايون آهن. جنهن مان هڪ
۾ هيو لکيل ته: 'اسان کي ڪامريڊ جي ڇپيل مواد نسخي جو ترڪو
ان شرط تي ملي ويو. اهو ان ڪري ته جو ڪامريڊ جي مواد جو ڪجهه حصو
اڳ ۾ ئي ويو آهي. اسان جو ڪمان آهي ته اهو نانءِ سنڌ چوري
ڪري ويو آهي. اوهان پنهنجي طرف کان اهڙي ڪجهه جي ضبط لاءِ
ڪوشش ڪندا."

اُنهن لفظن کي جيڪي تن مظهر لغاري لکيو آهي ته تن ۾ به شڪ. جيڪي اِهي ابن قاضي قاضن جي ڪرامت آهيا تن ۾ به شڪ. ڪوڙ هوئڻ به ڪهڙا جي بابت جي ميراث ناهي. مارچ ۱۹۸۴ع ۾ ڇپايل تحفه ان ڪتاب جي صفحي ۱۰۲ تي هن لکيو آهي: ”اٽڪي رسول اسپتال ۾ هن کي ڇپائڻ ته ناهي، انهيءَ ڪهڙو نوٽبڪ محمد ابراهيم جويي وٽ ڪيترن سالن کان پيل آهن. هن وعدو ڪيو هو ته هو ڇپرائيندو. پر شايد سو ساري زندگي اُهي شعر ڇپائي نه سگهيو. ان ڪري اهي ڪتاب يا نوٽ ڪري جند. خدا توکي ڪڏهن ڪندو، جڳهه خالي آهي ته اُهي شعر تون ڇپرائي ڇڏيندين.“ مان جويي صاحب وٽ ويس ته ڪيس ناهي جو نيا پوڙهو ۾ اُهي نوٽبڪ اُتان ڪٿي انهن تي ڇپرائي ڏوڙ ته اڃا اسپتال ۾ پيا هجن.“

هونئن اُهي نوٽبڪ محترم محمد ابراهيم جويي صاحب وٽان مليا هئا. جيڪو ساٿين اڄا هن ۾ موجود آهي. ٻي طرف محترم نامل هرالو به ان ڳالهه کان پليتي پيٽ واقف آهي ته اُهي نوٽبڪ هن کي ڪٿان مليا هئا. محترم اُنهن هڪ دفعي ان سلسلي ۾ هوسٽان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ هن اهي ملاقات ڪئي هئا ته جو هو ته ”ايمان ڪامري جا ڪتاب ڏيو ته تيئن اسان کي ڇپرائي ڏيون، جيئن اوهان آزاد ٿيو.“

جڏهن مان آزاد ٿيس ته هن ان ڪتاب کي ڇپائڻ جو تيار ڪيو ناهي پر پيسا ڪانه تيار ڪيم. حيدرآباد ۾ خالد سنڌي جي ڪتاب پرنٽ ته ڪالعدم. جيل کان آءٌ مان حيدرآباد ۾ پڙهندو هوس. ان ڪري ها ستل ڪڏهن. جيل کان اعر نڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد ۾ رهائش جو مسئلو ٿيو. هون خالد سنڌي کي چيو ته اسان جي ڪتاب جا پهرئين ڇپائڻ ڏسجو. جو ته هن کي رڌو ته ڳوٺان اچڻ ۾ تڪليف ٿيندي. تڏهن چيو ته ادا! جيڪڏهن حيدرآباد رهو ته هن ڪئي ڳوليو ته ۾ ڪهڙو آهي؟ تي رهو به هون به آتي رهڻ قبول ڪيو. اسان جو صفحو ڪيو ۽ ڪريم العلا جنا به ليونه برنينه جي ڪتاب ”ڪنوار“ اي ترتيب جواد

جيڪو حيدرآباد مان ڇپجي آيو ۽ اُن ڏينهن ته ان پرچيا واري خالد
جي وڏي ڇپرائي ويو، جنهن لاءِ ته رسالي جو سڌو سئو. اُن کي به اُها آڇ
ڪيائين ته اسان ڇاپيون ٿا ڇپرائي، ڳول ڪتاب تنهن جي ٢٨ نمبر ڏهري ۾ رسالي ڇپايو.
نوان پروگرام شروع ٿيا ته سنڌي ادب جا ڇاپا ادارا، سنڌي پبليڪيشن رفاهه
سنڌي، منصور پبليڪيشن ردا لڙو بلوچي، ستم پبليڪيشن ڪرم الله مناءِ سنڌي
ساهت اڪيڊمي زنانسنا ٿي ترجمو ڪري ڪندا. سنڌي ڪتاب عملا ڪتاب جي ٥ ۽ ايشيا
به ڪوئي. ونهن ته ڪتابون ڪيون نه سب رائيٽيا سيف. نگهه ڏيندا ڪنهن رائيٽ خالد سنڌيا
جي پرچيا مان هڪڙو ڪتاب شايع ٿيو جنهن ۾ اسان جي ادارن جا ڪاڻ ليڪ
ٻاهر تن ادارن جا نالا آيا. مون خالد کي چيو ته ڪتابن ته ڇپڻ ادارا
جون ڇپيون. جي: هر اداري جو مقرر رهيا ته نا ڪهن. اهڙا به ترتيب
ترجمو ڪري رهيو. انهن جا ڏنل ماڻهن مان اداري جي ڪتابن جي ڪهڙو مرڪز ناهي
مان فلال تڏهن ته پرچيا لاءِ ڇپر تاليف ونهن جي ڇهري ۾ پڙهي ڪا ڪوسا
۽ مسئلي جو بلو ڪري رهو. مون هنجي ملڪ ميسن ڪاڻ ته نظر
رهبر ته هنا حو ورتي خالد سنڌ يا ڪي ڊنا. ڪريم الله جنهن مونکي لوڏ
ڇپو. ادا نان ! خالد سنڌي کي توڻ هن سياسين. نو بشير ڪي حساب
ڪتاب ٻن جي ڇاپي بدرگاهه ڪتاب ڏسي پوءِ ڪندو. لاهي آهي. خدا جي واسطي
توهان مهرباني ٿي جو ڪتاب جو ڪري. ٻاهر مان ٿو اسان سان علمي ستمندانه.
توهان منجهي جو ادارو ته ان ڪان اڳي به نظر موٽائي ونهن. ونهن ڪتاب ٻئي
نقد انتہا واسطي تڪي جا ڏيئي رهڻ. خالد مونکي چوي ٿو ته هنجهي
اداري طرفان منفي ڪتاب 'مرد ال ... شايع ڪري. خرچ
مان توڪريا. نالو هنجهي اداري جو ڏيندو. توهان ته تاليف جو خرچ
ٿي. مون اها لا ... آهي ته سنڌي ڪتاب هنجهي اداري طرفان شايع
ڪرايان. پرچي سنڌي ساهت ... ڪهڙي آس ڪري ڪيدي پاڻ سان جيڪا جنس
ڪندو، اها ڄاڻ ڏسندو. مون ان ڪري ڪاٿو آهي.

۽ خدا شاهد آهي ته پاڻ ڪريم الله جن جو لفظ لفظ سچو نڪتو.
ڪجهه ڏينهن کانپوءِ منهنجي خالد جو ڪتاب 'سنڌ بليڪيلين' جي نالي تي شايع
ٿي ويو ته اسان سڀ ڏسنداسين ته ٻه ٽي ڪهڙيون ٿيون ۽ پاسيون ته ڪهڙيون جو نالو
بدليل هو. ڪريم جن هن ڪتاب جو نالو! سنڌي اصل سنڌ جي شهيدن
تي آهي - هاڻي ته سنڌ ۾ ويڃاڻ.'

۽ پوءِ واقعي سنڌ جي شهيدن تي. هو ان ڪهڙيءَ ۾ ٥،
٨ هتان جا ڪتاب، سنڌ ۽ جنهن جو استقلال ۾ ايندڙ سامان ۽
جا مسودا رکيا. جن ۾ ڪي جا تاج جو سال هو - پهريون 'زندان جي ڄهڙي مان'
'منتخب آڻاڻي' رڪامريڊ غلام محمد لغاري 'سنڌ جا شهيد' راڻو مگسي
ضبط ٿيل زنان سنائي) - اسان جو ڪهڙي جو تالو نڪتو ته ڪمل ڏٺو ته
ڏڪ ۾ خاطر مان ٻنهي ڪليا ڏيا سيئن. مان مسلسل اٿ کانپوءِ ٿئين ڏينهن ڏٺم
ته اوهان ٻنهي ڪجهه ڪڍيو هو اهو اوهان کي - هاڻي احسان ڪري هنن
پنهنجو سامان، ڪتاب ۽ مسودا کڻي ڏيو - هو آسرا ڏيندو رهيو
۽ شهباز پريس جا چڪر ڪاٽيندو رهيس. بعد ڏينهن ڏسي ته جو ٺڪ:
'اوهان جو سڀ ڪتاب 'زندان جي ڄهڙي مان' هون ڇپيا مڃيو آهي پاڻ
ته هو ان ڪهڙي رکو بند ڪيا ٿو ته هن ڪتاب بند ڪيا ريا ۽ ڇپيا
ويا هن ڪتاب بند ڪيا. جنهن ڏينهن ڇپيا ڏٺو ته اهو ڪتاب ته وري پنهنجو
اشاعت گهر جي نالي تي ڇپيو هو. هن ڪتاب بند ڪيا سندا ڇپارا
ته هن ڪان ڪتاب ڇپيا - هو ڪي ٿوڙو ڏسي ٿيو - هن اهو ڪتاب
ڇپايو ڏنو - سڀ ته هن سندا ڇپيا - پوءِ ته اهي اصل مسودا مليا سٺا.
ڪامريڊ ساٿين هن کي ڏنا سٺا. آخر اسان جي اداري طرفان اهو ڪتاب
ڇپيو ويو ته پوءِ به پنهنجو اشاعت گهر ڇاپي ڇڏي. هون خالد
کي پڇو ته هي ٻئي ڇاپي جا آهن؟ چيائين: 'يار! اصل ڳالهه

ٻيا آهن جي به ڪالر ڪهڙي پاسي. انهن مون کي اڄ تائين نه ٻڌايو آهي سنڌي ۾
هو ٻنهي وڏن ٻنهي ٺاهيا ويا. ٻئي ادارا ئي پنهنجي سان ڏسڻ ذريعي
وڏيرائپ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان سلسلي ۾ مون کي ڇا چئي: "ترڪي نقصان
پهچايو. معاشي ترقي جا ڪامريڊ لغاري جو هي ڪتاب 'هنن ڪيو تائين'، پهچو سبب
ڪمزور رعايت سان ڇپيو ته تيار نه ٿيو، مان وري سنڌ ۾ تاليف به آڇيو.
ڪراچي مان هن ڪتاب جو ٽائيٽل ترت ڇپايو. ڪتاب جو ڪاغذ ٿي ان کي
ڏنم. ۸۰ صفحن جا پروف ڏنم. جيڪا پڻ هتي ڪتاب ڇپجڻ بند ٿي ويو.
ڏسندي ڏسندي اهو ڪتاب 'سنڌو اشاعت گهر' وارن جي نالي تي
ڇپجي بازار ۾ اچي ويو. ان ۾ مون تي الزام هڻايا ويا. مون کي جو
سنڌي شرافت جو پنهنجو ئي ٺاهي ڏيو ٻن جدا ٿيو. مقتدر ٿي ويو ته مون
ڪامريڊ لغاري جا ڪتاب چوري ڪيا آهن. ان کانپوءِ ميان محمد ابراهيم
جويو صاحب، محترم فاضل راهو، ڪامريڊ جي نالي تي اسان لغاري
شاهد آهن ته اهي ڪتاب مون کي خود ڪامريڊ ڏنا هئا. پاڻ جو ڪهڙو
ڪيا هئا! ته مان سمجهان ٿو ته اچي به ڪالر پڌرا ٿي ويندا.
'سنڌو اشاعت گهر' جي ترتيب ڏنل مترجم ابن قاضي قاضي عبدالقيوم
آڏي ٻه ٻيا ساڻ آئيندا هيو آهي. پهرين نسخو ڇپيو ته ان بابت
ڪجهه لکيل آهي. اسان جي ادارا فيصلو ڪيو هو ته اسان مولانا آزاد جو ڪتاب
'قول فيصل' ترجمو ڪرايو ڇپائينداسين. مولوي آرسي پنهنجو ترجمو ڏنو ته مان
ٿو ترجمو ڪيو ته زبان، جيڪا آن صحيح ڪانهي. ان ڪري ته مون کي ڏنو
ته ملي. ابن قاضي ٿو ترجمو ڪيو. ابن قاضي جو ڪم صحيح ڪانه هو ته ڪيو
ته مون کي وقت ڪونه ملي. غلطي جو خيال ترجمو ڪندو جي ڪم صحيح ڪانه هو
غالبا جو سبب هي ته غلطيون ڪيا هو. ڏسي ته مون کي وقت ڪونه مليو.
ترت مان نه چيو ويسا ته مون وانڪا ٽي ڏسيا ته جيڪو ترجمو ڪيو

مولانا عزيزالله پوريءَ جي مهاڳ لکڻ لاءِ جيل مان ٿي ڇڏيو ڏنو ته مان
اڃا جيل ۾ هوس ته مولانا پوريءَ ان تي مهاڳ لکي، سنڌ پرنٽنگ پريس
جي مالڪ ميان احمد شيخ کي ڏنو ته ڇپي، اهو ڪتاب ڇپجڻ بدران ڪنهن دوست کي
هٿان هٿ اچي ويو. ڪجهه وقت کانپوءِ اسان ڏٺو ته اشاعتي آزاد
قاسمي جي نالي سان اهو ڪتاب ڇپيل ڏٺوسين ۽ مهاڳ ۾ لکيل هو:
'هيءُ ڪتاب ڪٿي اڳ پڙهڻ ۾ نه آيو هو، [illegible] ڪنهن هٿ اچي ڇپيو. بنهه
ٻيو اهو ته اڳ ڪنهن سال اڳ محترم ناشر صاحب جي فرمائش تي ترجمو شروع
ڪيو هو، هر ناظرين جو احسانمند آهيان، اهو ڪم وقت تي ٿي ٿي بند ٿي ويو'
(قول فيصل - ترجمو آزاد قاسمي - ص ١١-١٢، ١٣)
ٻه آن ڪتاب کانپوءِ اسان کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪيئي سرڪاري ٿي ويون.
مونکي ڏک ان ڳالهه جو آهي ته ڪامريڊ لکاريءَ کي جن سان مون ٻن علم دوستيءَ سبب
آهي، ٻڌ اپنڻ سمجهيو، پ. پ جو دلال سمجهيو، لکاريءَ ڏٺو
اشاعت هو ته ان کي ڀيٽڻ جي نه آيا. نهن انهن ترجمو کيا يا ڪو ڏنو هو ته اها
ٻڌي سخن تي ساڳيا ساڳيا شرح ڪيا ائين ڪرڻ اهي منهن ڏيکاريا ويون.
آهي ماڻهو ساڳي ڪامريڊ جي ڪتاب تي مهاڳ لکي ۽ ڪتاب ڇپائي انهي
نالي تي سنڌ ۾ آڻي. اهي ٿا جي سن ٢ زندان جي جيل مان 'ڪتاب اسان
شايع ڪيا' ۾ ڏٺو ته مولوي آزاد جي مهاڳ جا صفحا وڌا هئا ان
ساڳي ڪتاب جا نوَ ڇپايا هئا. مون کان دوستن پڇيو ته ڪتاب ساڳيو پرڪمي جي
قيمت ستر ڇپيا ڇو جي نوَ ڇپيا؟ مون چيو ته مون تي لکاريءَ ان بابت لکي
ويو. مون ته پڇي سمجهيو هو ته 'ڪم ڇپيا ته ٻه روپيا نوسيا لکاريا هو' سو اصل
ڪتاب جي قيمت ته ستر روپيا آهي، باقي ٻه روپيا لکاريءَ جا آهن.'
باقي ٻيا غلط لکاريءَ جا نام نهاد نقاد به مونکي ضرور آهي ته مون انهن
جي پاسي ڪا ڪري چٽ آهي غلط بيانيءَ کان ڪم ٻه ورتو. هن ان تي انو

کيا ڪامريڊ جي زندگيءَ ۾ اهڙا سٺا ڏينهن ٻارن جي روئڻ بابت سوچيندو
گهوريا. هڪ ڏينهن وفات کان هڪ ڏينهن اڳ ته ان جي گهر جا ڪافي ماڻهو بيٺل هئا
ويندي ان ڏس ڪافي ڏينهن وقت آيا ۽ اسپتال سو ته گهڻا ڪامريڊ کي ڏسڻ
آيا. موکي سنڌ جي تاريخ جو هڪ مثال ته ياد اچي ٿو شهيد الله بخش
سومرو قتل ٿيو. ان کانپوءِ مشهور ٿيو ته ان کي خانبهادر کهڙي قتل
ڪرايو آهي. هن گهڙي ڪامريڊ گهڙيءَ جا بنگلا تي هڪ گهڻا ماڻهو آيا، جن ۾
جي. ايم. سيد، شهيد الله بخش سومرو جو ڀاءُ حاجي مولابخش سومرو،
پيش سيا ميلا ڪجهه ڀائي ماڻهو موجود هئا. هن ته سڀ ڪامريڊ
پيش ته پاڻ جو گلا سو ته کڻ پيش ته خانبهادر کهڙو ڪيئن پيو ته:
"ڇيڻي جو؟" چيو: "تون هنن جو دوست جو قاتل آهين. مونکي تنهنجو
پاڻي ڪامريڊ ڪڏهن به ڇو ماڻي! هي ان جو ڀائي دوست ۽ ڀائي
ڪاٺين پيش؟ چيائين: "اهي ٻئي ڪاٺين پيش. ماڻهو ۽ دوست
شهيد جا خون سان غداري ڪئي آهي. هن ماڻهو سوچيو ته شهيد کانپوءِ
سو ڪامريڊ ڏنا نه پيو. ڪامريڊ جا نظريا ۽ اصول دشمن سان ٻئي
سمجهاڻ ڪن. آهي ته ڪڏهن به اهو گوارا نه ڪندو. هو ٻئي مونکي سي
تان آهو ڪامريڊ پڙهيو. مونکي تازو مير پور ناسي جو ڀائو يوسف لغاري
صورت تون آهي سر ڪيو صورت ته ان سان مير پور ناسي اچي ٿو رهي
ته آهي سيو جو نه تو ڪي ملي ته ڪيس هتان ته شهيد جي اچي ته
سوڀيا سمجهي ايران ۾ هن عثمان جواهي ويا آيا. تون مونکي رڌيو
چيائين ته تو ڪي ڇنهنجي سر تان هڪ ڪشٽ گهريا.

ته ساڻ مان شهيد ويندو. سر سان سوچڻ کيا پيار ڪندا.
سنڌ سوا ڪنهن سان پيار ڪيو ته هنن ٿي مرڻ. هڪ گهو ٿيو
ته گهوريا. هن به پنهنجا دوست ۽ عوام جي نڪتي ڪي پڙهيو
اهي ته هنجي سر پيار، ڪڏهن ماڻهو ڪهڙو سان سو تيار هو.
آهي

'اي سنڌ! اي سنڌ واسيو! ڏسو ته اسان جي سياست جي ڇا پيو
ٿئي-؟ اي بدمعاش ٽولي جي خيرآباد چوڻ وارا ملڪ اصول پرست
انسان کي ڇا ڇا نه ٿو ڀوڳڻو پوي-؟

باوجود ان جي ته مون ڪتاب سان شفقت پنهنجو سڄو ساهه
ملڻان نه آهي اچي ڏيو آهي. ان سمورن ڪتاب تي خرچ اسان ڪيو آهي
ان سمورن جو به مون ڪتاب اسان پر خرچ ڪري ڇپايو آهي. اسان
نقصان به ڪيا صحيح - پر به نقصان سٺو ڏٺو - خالد سنڌي ميوو
ڦلپنو ڪيا انسان جو معتبر ساروسامان. ڪتاب مسودا ئي ڇپيا هيا
آهن ته مون نقصان به ان جو سنڀاليو - خالد سنڌي لکيا ڪيل آهن
هن تي هوڪل ڏک جي صدمو ٿيو ته مون ڪنهن دوستن سان اظهار ڪيو
ته هو ڪي پيو وڃي ته تو ان نثار ميمڻ ۽ ولي رام ولڀ کان پڇو ته خالد ڪنهن
سان معتبر ڪيا نڪي هيو آهن-؟ تو ان طارق اشرف کان پڇو ته ان کان
خالد ڪتاب ونيا هيا ڪيئن کائي ويو؟ تو ان پڇو انهن شاگرد ڪري
جي پاڻ شاڪر آدل کان صفدر وڏو ڏٺو جي ڏسي خالد تي ڪهڙا
جي آڪسيجن ڇا ڇا نه ڪيو اڄ تيئن تي ۽ ويٺا ٿي ڪيترو نه ڪيل
۽ وائيات ڪردار ادا ڪيو مشاهيا ۽ ان ڪتابن تان ڪاڻ ڪيئن
نه هئي سنڌ جي عوام سان غداري هيو ۽ وقت جي ماڻهن جو دلال
ٿيا ڇا ڪيا رسالو ڪيئي سنڌ جي عوام سان ڪيترو نه عشق ڪيو؟
پڇو نوجوان شاعر علي نواز نار تنيو کان جنهن دڪان تي پيا ڪتاب
پيا هو ته خالد ان جا ڪيترا ڇپايا ۽ ڪيترا ڪاهي ويو-؟؟

هو ڪي خالد هي آهي ته ڪا جو قوم، ناجوڙ پنهنجي غدارن جي کجه
نه ڪندي آهي - استاد صحبت جي قول ته:
'هيو ڏرتيا تو تن داغيندا، سي ليڪا جو بالا سينوي'

اي منهنجي قوم جي منهنجا ڏيرن ! توهان جڏهن پنهنجو ترقي پسند ڪتابن
ته مون سڀ تالا هڻي ڇڏيا آن . منهنجو پنهنجو انهن لفافن جو سامان
ڪتاب ، سوداڳر ۽ تالا نه هئي . آخر انهن سڀني سامان لپيٽي
پوليس جا پنهنجو ڪم سامان تي ڏيئي . جيئن آيا تيئن وري ويا .
وقت رهندي تالا لڳايا . آيا انهن جو سامان ويڙهيا واريا پوليس
سنڌي جي هي سمجهيا ڪيا وڃي دلال ٿا آهن .

مون سڀ ڇا هو ۽ هوند ڪانه ڏنو ڪو ڪي آيا جيتري پنهنجي تيئن ته قوم
آڏو اڄ ان نڪتن جي سمورين ڪارڪنن بابت لکيو . ان لاءِ منهنجو ملڪ
اندر ڪتابچو "ڪاله ميخو ڪيڪ مٿان تيا ڏنو" هر درست ڪي پڙهڻ
کيو . ان جي پنهنجو اشاعت ڪئي ۽ ان ادارن ڪي ڪتابن تي علائقي
وارين پارٽين ته قوم آڏو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي .

نانڪ سنائي .

۳۰ جولاءِ ۱۹۸۸ع
صدق باد سنه .

منهنجي آکاڙي

آئون ١٩١٧ع ڌاري ڳوٺ غلام علي فقير لغاري تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ غريب هاريءَ محمد خان لغاري جي گهر ۾ ڄائس. منهنجي ڄم جي ڪري منهنجن مائٽن کي بيحد خوشي ٿي. چاڪاڻ ته منهنجو پيو ڪوبه پاءُ اڳ ڪونه هو. فقط هڪ ڀيڻ هئي، سا به اڳ وفات ڪري ويئي هئي، جنهنجي ڪري منهنجا مائٽ بيحد ملول هئا. (بقول خليفه نبي بخش لغاري عليه الرحمة).

جهيندي گهرنڪو فرزند ڄاوي، مايا تهيندي
بڳاڻا لـوڪ ڪـاوي
ڪســن ڪـاون مٺيندا چاون ڪـتي شهري
جهونن بر ڊوند آون.

بابا صاحب جن چوندا هئا ته ٻن سالن ڪان پوءِ منهنجو ٻيو ڀاءُ ڄائو هو، جنهنجو نالو مير محمد خان رکيائون. ليڪن اهو به ٻن سالن بعد وفات ڪري ويو. انهيءَ کان پوءِ وري هڪ ڀيڻ به ٿي جا ننڍپڻ کان ڪمزور ۽ بدن ۾ تمام ڏٻري هئي، ٻارنهن سالن بعد آها

وبچاري به گذاري ويئي. ان کان پوءِ به هڪ ڀيڻ ٽيم ها اڃان تائين زنده آهي. هڪ ڏينهن بابا کان پڇيم ته منهنجو نالو غلام محمد ڇو رکيوَ؟ منهنجي پيءُ مونکي ٻڌايو ته پاڻ بلوچن ۾ ڏاڏا جي نالي رکڻ جو گهڻو رواج آهي. ليڪن جڏهن تون ڄائين آن وقت غلام محمد جي نالي سان سنڌ جا ٻه ناميارا ماڻهو هئا. ڀهربون غلام محمد ڀرگڙي، ٻيو ٽنڊي باگي جو مير غلام محمد خان. جنهن لاڙ جي ايراضيءَ ۾ مدرسو کولي عام ماڻهن کي تعليم ڏياري هئي. تنهنڪري مون به انهن عزت ڀريـن ماڻهن، سنڌ جي خيرخواهن ۽ وڏن ماڻهن جي نالي کي ڏسي، تنهنجو نالو غلام محمد رکيو ۽ اها دعا گهرندو هئس ته خدا من، منهنجي پٽ کي به انهن جهڙو ڪري جيئن هنن جو نالو سنڌ جي ٻچي ٻچي جي ڪن تي آهي، ۽ عزت سان ورتو وڃي ٿو، تيئن مولا پاڪ توکي به ملڪ جو ناميارو، وفادار ۽ ملڪ جو خدمتگار ڪري (آمين) تنهنڪري توتي اهو نالو رکيو ويو.

انهي وقت مرحوم رئيس غلام محمد خان ڀرگڙي سنڌ جو هڪ ناميارو اڳواڻ هو جنهن نه رڳو سنڌ ۾ مگر هند ۾ به پنهنجو نالو چمڪايو هو. تنهنڪري منهنجي پيءُ کي انهيءَ نالي رکڻ جي خواهش ٿي ۽ اهو نالو رکيائون.

منهنجي تعليم لاءِ به بابا سائين حتي المقدور ڪوشش ڪئي، هڪ غريب هاري ماڻهو ٻيو وري هڪ پٽ

مائٽن کي تمام پيارو هئس. غريب هوندي به مونکي ڳوٺ جي ملا صاحب وٽ پڙهڻ لاءِ موڪليندو رهيو سندس سدائين اهـا تمنا ۽ ڪوشش هئي تـه آئون چڱي ريـت علم حاصل ڪريان.

انهيءَ زماني ۾ انگريزي اسڪول تمام گهٽ هئا. تنهنڪري پهريائين ملا صاحب جن وٽ قرآن شريف پڙهڻ ويٺس. پهريون سيپارو ياد ڪيم جو اڃا تائين مونکي يـاد آهي. ان کان پوءِ جيڪي سنڌيءَ جا شروعاتي ڪتاب مڪتب ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿا سي سڀ پڙهي، وري پارسي پڙهڻ لاءِ جيمس آباد تعلقه جي چوٺيري لڳـ ڳـوٺ حاجـي مبـين خـاصخيلي ۾ حضرت مولانا مولوي نـوح صاحب ولـد حاجي خميسو خاصخيلي عليہ الرحمته جن جي مدرسي ۾ داخل ٿيس. ان وقت اسان جي علائقي ۾ مولوي محمد نوح صاحب جن جي والد ميان حاجي خميسہ عليہ الرحمته جن جي هستي قابل تعريف هئي. پاڻ اڻ پڙهيل هو ليڪن اديبن، عالمن ۽ سوشل ورڪرن جـي صحبت ڪـري پاڻ بہ هڪ وڏو خادم خلق هو.

هاري جماعت جو بنياد بہ اسان جي پسگردائي ۾ ان شخص وڌو هو ان جماعت جو وڏو ڪارڪن هو.

حاجي خميسي جي فرزند مولانا محمد نوح عليہ الرحمته عربي جـي تعليم حضرت مـولانا محـمد عثمان صاحب (قرآني) عليہ الرحمته جن جي مدرسہ ڳوٺ بنيره ۾ فارغ

تحصيل تائين حاصل ڪئي.

مولانا قرآني - بنهي وارو ان وقت زبردست عالم دين هو. اسان جي ضلع ٿرپارڪر ۾ نه بلڪ هند توڙي سنڌ ۾ ۾ وڏو عالم ليکيو ويندو هو. حاجي خميسي جي شڪل و شباهت عالمن جهڙي هئي. هو بد رسمن، پير پرستي ۽ رشوتخوري جي سخت برخلاف هوندو هو. سچ چوڻ جو ته اهڙو ڪوڏيو هوندو هو جو ڪنهن به وڏي ۾ وڏي امير ڪان به نه ڊڄندو هو. ان سچائي ڪري وڏا ماڻهو به سندس گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ اڄ تائين بہ سندس نالو دوستن جي دلين تي نقش ٿيل آهي.

هو جيڪا به مذاقيہ انداز ۾ نڪتہچيني ڪندو هو سا لاجواب هوندي هئي.

ڳالهه ڪندا آهن تہ پاڻ هڪ دفعي ڪنهن وڏي جاگيردار مير صاحب جي شادي جي موقعي تي ويل هو. حاجي صاحب کي ماني تہ تمام سٺي ڏنائون پر هئي ڪن ميرن جي اوبر. حاجي صاحب کي چرچي جي عادت هوندي هئي. ويتر هو شادي جو موقعو سو جڏهن ماني کائي هٿ ڌوئي فارغ ٿيو. ان بعد اُچي مقعد کي کنهڻ شروع ڪيائين. ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن صحيح ڪيو، تہ هي، ڪو نئون چرچو ضرور ڪندو. سو پڇيائون تہ حاجي صاحب ڇا ٿي ويو؟ چيائين ڇا ٿي ويو! مير صاحبن جي اوبر کائڻ ڪري

مقعد ۾ اچي ڪاڃي ٿي آهي. جيڪو به مير صاحبن جو اوپارو ڪائيندو، سو .... ٿي پوندو. انهيءَ مان سندس مطلب هو ته اوبارو نه ڪائڻ - ٻي طرف ميرن جي اڳيان پٺيان ٽيندڙ ٽڪرين کي ٽوڪي، انهن ڳالهين جي ٽوبچين جي پٽ وائکي ڪرڻ. جيئن ته ميرن، پيرن، ڪان ٽري وڃي پنهنجو پورهيو ڪري پنهنجو پيٽ پاڻ پالين.

حاجي خميسو صاحب سندس پٽ جي مدرسي جي شاگردن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. آڏرن نندو هوس ذڪر وغيره لاءِ سندس گهر به ايندو ويندو هوس. حاجي تورڙي سندس گهر واري ٻئي تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. اسان شاگردن مان ڪوبه گهر ڏي ڪنهن ڪم ڪار سان ويو، جي پاڻ ماني ڪائيندڙ هوندو هو ته زوريءَ اسان کي به پاڻ سان گڏي ماني ڪارائيندو هو. ڪابه نئين وٿ يا سوکڙي گهر ۾ ايندي هئي ته پهريائين پهريون حصو اسان پرديسي شاگردن لاءِ جدا ڪيو ويندو هو.

حاجي صاحب هاري جماعت جو ورڪر هو ۽ منهنجو ڏاڏو به اڳ چنٽري طرف ويٺل هو ۽ پاڻ به هڪ غريب هاري هو. هروقت حاجي صاحب کي هارين جون ڳالهيون ۽ زميندارن جا ظلم ٻڌائي، انهن ظالمن خلاف نفرت ڏياريندو هو. ڏاڏا سائين ڏاڍو چرچائي ۽ کل مک هوندو هو. جنهنڪري ظالم زميندارن، رشوتخور ڪامورن، ميرن ۽ پيرن جون آملون ۽ چٽرون نامي حاجي صاحب جن کي ٻڌائيندو هو.

آنهن ڏينهن ۾ ڪن حامدن اها به پروپگنڊا هلائي ته هاري ورڪر روس جا ايجنٽ ۽ چڙتا آهن ۽ انهن کي آتان مدد ملندي رهي ٿي- حاجي صاحب تمام مشهور ۽ سچو پچو ڪارڪن هو سو بهادري ۽ بيباڪيءَ سان رشوتخورن، بدرسمن ۽ اجاين پترپوتن خلاف جنگ جوٽيندو رهيو. سموري حياتي پيري مريدي ۽ وڏيرپ جي خلاف لڙندو رهيو. ڪيترا دفعا مارون به کاڌائين ريش مبارڪ به پٽارايائين- پر جيئن ته تيئن وڌ.

ان وقت ۾ سکر جي طرف ابو شوڪت حمزو هوڪي هڪ شاعر هو. جنهن جون اهڙن شعرن جون چوپڙيون ڇپايل هيون سي پڙهي وڏي واڪي ماڻهن کي پڌائيندو هو.

ان وقت براج تي پهل سرڪاري زمين هارين کي ملي، اها تحريڪ به زور شور سان هلائي هئاسين. هڪڙا فارم درخواست جي نموني ۾ ڇپايا هئاسين جي انهن آني جي حساب سان وڪڻي هاري جماعت لاءِ چندو گڏ ڪندو هو. مون کي ياد آهي ته منهنجي پيءُ ۽ چاچي به ان وقت ڪٽڪ وڪڻي چندو ڏنو هو ۽ رسيدون ورتيون هيون ۽ بابا کي ائين به چوندو پڌو هوم ته بابا پاڻکي زمين ملندي ۽ پاڻ زمين وارا ٿينداسون. تون همت ڪري پڙهه جڏهن پڙهي وڏو ٿيندين پوءِ پاڻ تمام گهڻو خوش گذاريندا سون. اتڪل به سال مولوي محمد نوح صاحب عليه الرحمة جن وٽ پارسي پڙهيس پوءِ آتان ڇڏي

ڏگهڙي تعلقي ۾ مراد علي مهر نالي هڪ نيڪ مڙس جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ٿيس. ميان مراد علي مهر صاحب هڪ چڱو زميندار ۽ نهايت ديندار هو. هي به رشوتي ڪامورن، پيري مريدي، بدرسمن، زالن کي پيرن وٽ وڃي وڃڻ جي سخت خلاف هو. سنڌس ذات وارن کي سدائين منع ڪندو هو ته پيرن جي پوڄا هرگز هرگز نه ڪريو. هن جو چيو ڪڏهن به نه مڃو نه وري ڪين گهرن ۾ اچڻ ڏيو- سنڌس قوم، هن نيڪ مرد جو چوڻ نه مڃيو ۽ ان جي برخلاف به ڪم ڪندا رهيا. نيٺ خطا ڪاڌائون. جو هڪ پير ٿارل شاهه نالي هڪڙي مريدياڻي ڀڄائي ويو. جا شايد اڃا تائين زنده آهي. اهي اڄ وارا پير ڪري ڪونبا آهن. ڪاڇيلا اسٽيشن جي اولهه طرف انهن پيرن جو ڳوٺ آهي ۽ ٿارل شاهه جو ميلو به لڳندو آهي. ان خراب واقعي ڪان پوءِ هو صاحب سدائين هن سان سخت جنيون ڪندو هو. جنهنڪري ڪيترا سنڌس عزيز به سنڌس دشمن ٿي پيا. ان وقت ملڪ ۾ سنڌ تي پنجابين جي ڪاهه ڪاهان زور شور سان هئي. هي صاحب ان جي به سخت مخالف هو. جنهنڪري ڪيترا دفعا هنکي سنڌس عزيزن ۽ پنجابين پاڻ ۾ ملي ڪوڙيون سازشون سٽي جيل جا دروازا به ڏيکاريا. مگر آڻ نه مڃيائين. مرد مجاهد ٿي نهايت دينداريءَ سان ظالمن ۽ رشوتخورن جي خلاف وڙهندو رهيو. پرهيزگار ته ايتري قدر هوندو

هو جو پنهنجي پٽ جي ڪا ڳالهه خلاف اصول ڏٺائين ته هڪدم ڪيس پنهنجي ڳوٺ مان لوڏي ڪڍي ڇڏيائين ۽ جيستائين هو توبهه تائب نه ٿيو تيستائين پنهنجي گهر ۾ به اچڻ ڪونه ڏيندو هوس.

ميان مراد علي پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ مدرسو به قائم ڪيو جنهن ۾ اٽڪل ڏيڍ سئو شاگرد تعليم وٺندا هئا. مدرسي جو وڏو مدرس مولانا محمد اسحق صاحب پرهيزگار هو. مدرسي کي ملا اسڪولس جي آفيسرن کان ڪجهه گرانٽ به ملندي هئي. ليڪن ڪمي پيشي لاءِ ميان مراد علي پاڻ جوابدار هو. هو صاحب ماني ڪانسواءِ شاگردن کي ڪتاب، ڪپڙا وغيره به ڏيندو هو. سندس ڪل پيدائش جو ٽيون حصو مدرسي بلي هوندو هئو. باقي چوٿين حصي تي پنهنجي سادي سودي زندگي بسر ڪندو هو. مون سان خاص پيار هوندو هوس. پاڻ چڱو ڄاڻو هو. مون کي راهداري ۽ درخواستون وغيره لکڻ ۽ جملا ڪتب آڻڻ سيکاريندو هو. دعا ڪري سدائين هيئن ۴ چوندو هوم ته "چورا! تون منهنجي اسڪول مان سٺي تعليم حاصل ڪري هڪ لائق ۽ فائق انسان ٿيندين.

ڪيڏي نه ٿجان مرد مجاهد ٿجان. رشوت خورن، پيرن، سيدن جي بدرسمن جي خلاف جهاد ڪندو رهجان. هي منهنجي وصيت ڪڏهن به نه وسارجان."

آئون سندس پيار ۽ محبت، استاد صاحبن جي سٺي پڙهائي ۽ شفقت جي ڪري ۳ سال مدرسي ۾ رهيس.

جت ڇهين چوکي پارسي جي تعليم حاصل ڪيم- -ڪندر تائين سڀ پارسي ڪتاب آتي پڙهيس - سنڌيءَ جا ٻه شروعاتي درجا مون اتي پاس ڪيا. اهو عجب زمانو هو. اڇوڪن شاگردن کي ڏسي عجب ونيو وڃيم جي ٽيبلن تي ڇهچن سان ٻوڙ پلاءُ کائيندي ٻه ماني مان ڪئين ويڪون پيا ڪيندا ۽ بورڊنگ جون گلائون ڪري پڇڻ جون پيا ستون سٽيندا . اسين ان وقت ٻري ٻري ٻن ٽن ميلان تي فقر ونڻ ويندا هئاسين. اسان سان ڪيترا مون جهڙا غريب شاگرد هئا جن کي جتي به کانه هئي. پير اگهاڙا هوندا هئا. گرميءَ ۾ فقر يا خمس جو وارو ايندو هو ته ويندا هئاسين. گرميءَ جي ڪري پير جلندا هئا. ٻري کان ماهو ڇيٿو ڏسي ونڃي ٻوڙندا هئاسون ۽ ان تي پير رکي پنهنجا پير ٿڌا ڪري وري پنڌ پوندا هئاسون. اهڙي طرح اهو ٻه ٽي ميل مفاصلو پورو ٿيندو هو. رات جو ڪني لسي ۽ ٻاجهر اسان شاگردن جو خاص طرح طعام هوندو هو. پر ان ڪني لسي ۽ رب ۾ جا لذت ۽ ميٺاج هو جو اڄ ست رڇي، ٻوڙ پلاءُ ۾ به ڪا لذت ڪانه ٿي اچيم. شاگردن جي پاڻ ۾ اهڙي محبت هوندي هئي جو موڪل وارو عرصو هڪ ٻئي کان روئي موڪلائيندا هئاسين.

منهنجو پيءُ ۽ چاچو انهي وقت مراد علي مهر جي گهر کي مزدوريءَ تي لوڙهو ڏيندا هئا. پڙهه جڏهن اچي وهندا هئا ته آئون به ونڻ اچي وهندو هوس ته

وڏيرو مراد علي بابا سائين کي چوندو هو ته "محمد خان! ڪن ڏينهن کان پوءِ هي تنهنجو پٽ، پنهنجي همت ۽ بيباڪانه هلت چلت جي ڪري ملڪ ۾ نالو ڪيندو" بابا صاحب فرمائيندو هو ته وڏيرا صاحب الله سائين شال هي تنهنجا اکر اگهائي –

بابا سائين هڪ هاري آهي. مگر سندس محبت علم وارن سان تمام گهڻي هوندي هئي. بابا سائين کي ڏينهن ميرپور خاص تعلقي جي مبارڪ لغاري جي ڳوٺ ۾ به اچي رهيو هو جت ڪوئلن جي مزدوري ڪري ١٢ آني حساب سان ڪوئلن جي ڳوڻ مٿي تي کڻي ميرپور خاص ۾ وڪڻي پنهنجو گذران ڪندو هو. ان بعد وري ميرپورخاص ۾ ڪوڏي مل جي مشين تي ڪتر جو ڪم ڪندو هو جتان ١٥ ربيه مهينو ملندو هوس. جن مان گهر جو خرچ ۽ منهنجا ڪپڙا ۽ ڪتاب به وٺندو هو. اُن وقت جا ١٥ ربيه هن وقت جي سؤ کان وڌيڪ ۽ برڪت وارا هوندا هئا.

پارسي پوري ڪرڻ کان پوءِ ساڳي مدرسي ۾ عربي شروع ڪيم. مدرسي جي مخالفت ته سڀ وڏيرا ڪندا هئا. پر خاص ڪري ان وقت جي وڏيرن مان خاڪو مهر پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڪوڙن ڪيسن ڪندي به ڪين گسندو هو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته مدرسي جي پير ۾ وڏيري جي ڦتين جو ڪرو رکيل هو. ڪنهن حاسد اچي ڪرتي کي باهه ڏني. ته چئن سون

مٿن جو ڪرو ته سڙي ويو پر مدرسي جي جاءِ جو ٻه ڪچ حصو سڙي ڀسم ٿي ويو. وڏيري جي مخالفن اهو اهو هُل هلايو ته پيرن جي پٽ ڪري وڏيري جو ڪرو سڙيو آهي- ڪن حاسدن وري شاگردن تي هنيو ته اهي ٻاهر ڪري ڪي خطابين ڏني آهي- مگر هن صاحب نه ڪنهن شاگرد يا ٻئي ڪنهن کي ڏوراپو ڏنو نه ڪجهه چيو. رضا تي راضي رهي ڪٺي مانڻ ڪيائين. ان بعد وري اسان جي ڳوٺ غلام علي فقير لغاريءَ ۽ مولوي حاجي محمد لغاري عرف مولوي عبدالڪريم صاحب مدرسو کوليو. ڳوٺ جي سولائي ٿي ٿهڪري اتي اچي پڙهڻ لڳس ۽ ڪجهه عربي جا ڪتاب پڙهيم انهيءَ زماني ۾ رفيق ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڏگهيڙيءَ جو مختيارڪار هو ۽ مولوي صاحب سان سندس دوستي هئي ۽ هميشه مدرسه ۾ ايندو هو. رفيق جتوئي انهيءَ مختيارڪاريءَ جي دور ۾ تمام سادو، هردلعزيز، ملنسار ۽ غريبن جو همدرد هوندو هو. مونکي ياد آهي ته رفيق جتوئي هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ آيو. ڳوٺ جي زميندارن ڏن چٽن ڏينهن کان تياري ڪئي هئي تمام ڳهڻو فروٽ ڪاڏن، مٺايون، شربت ڳهرايا ويا هئا. حلوا، پلاءُ، شيرنيون ۽ ٻيون شيون ڏاهي رکيون ويون مگر جتوئي صاحب اهي سڀ شيون غريبن ۽ شاگردن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيون- ۽ پاڻ ٻاجهريءَ جي ماني کير سان کاڌائين- انهيءَ سادگيءَ ماڻهن تي ڏاڍو اثر ڪيو انهن ڏينهن جي مختيارڪاري

اڄوڪي زماني جي ڪليڪٽري ڪان گهڻو وڏيڪ هئي.

رفيق جتوئيءَ جي انهيءَ حاڪماڻي وقت واري همدرديءَ اڄا تائين ڳوڙاڻن ڪي ياد آهي. آئون ڪجهه وقت اتي پڙهيس انهيءَ ڪان پوءِ ترت منهنجي شادي ٿي. شادي ٿيڻ سان ڇڻ مونتي وڏو بوجهه پئجي ويو. لاچاري پڙهڻ کي ڇڏي. پيٽ قوت لاءِ بنيءَ جو ڪم ڪرڻ لڳس. سال ڪن بنيءَ جو ڪم ڪيم. ان ڪان پوءِ ڳوٺ ۾ هڪ لغاري ڀاءُ سان گڏجي ريزڪي دڪان کوليم. آئون غريب هوس، موڙي بروچ جي هئي. سال گذرڻ بعد پتين جي حساب ڪتاب ۾ ڏي وٺ تان بروچ اڇي متيو. ٿڙ ٿپ هن کي ڪلف ڏيئي مونکي لوڌي ڪڍيائين ٻاهر. انهيءَ اوچتي ۽ ظلم زبردستي جي واقعي مون تي ۽ بابا سائين جي دل تي ڏاڍو درد آميز درد پيدا ڪيو. ليڪن همت جو سندرو ٻڌي وڻ ڪپي پنهنجي هٿن سان ڪنڌي ڏيئي ننڍڙو چونرو ٺاهي ان ۾ دڪان کولڻ جو ارادو ڪيم. ٽن مهينن جي لڳاتار ڪوشش بعد دڪان کي ٻاهران لوڙهو ٻه ٻه ڏيئي وبس دڪان جو در ٻه مون هٿن سان ٺاهيو. دڪان تيار ٿيڻ بعد ٥٠ رپيا ڪڻي سامان خريد ڪرڻ لاءِ ڍڳهوڙي ويس. ۽ واپس سامان مٿي تــي ڪڻي اچــي هٽ ملايم. دڪان سان منهنجو گذارو چڱو ٿيو. هڪ حلوائيءَ ڪان ڏندو سکي ريزڪي دڪان سان گڏ. پڪوڙا ۽ مٺائي ٺاهڻ ٻه شروع ڪيم. سال ڪن پوءِ چونري

ڪي اچي اڏوهيءَ ورتو جنهنڪري چونرو اچي ڊهڻ لڳو مون وٽ پئسي جي تمام تنگي هئي. لاچار هڪ ڳنڍ هٿ ڪيم جنهن تي مٽي ڏيئي د ۲ فوٽ ڊگهو ۱۴ فوٽ ويڪرو هڪ ٺاهوڪو صفحو پنهنجي هٿن سان پاڻ تيار ڪيم. پوءِ هٿان هٿان ڇت جو سامان داسا، ڪامون پٽيون پٽ سٽ ڪري ڇت به اڏيم. منهنجو ڏاڏو لهارڪو ۽ واڍڪو ڪم ڪندو هو. ان جا اهي اوزار به گهر ۾ پيل هئا، هٿ سان ڳنڍ واڍڪو ۽ لهارڪو ڪم به شروع ڪيم. انهيءَ ڪان علاوه سگري ۽ استري وٽي ڌوٻي جو به ڌنڌو چالو ڪيم. پيڙهيون پڌڻ به سکيس. مطلب ته جيڪو به ڪم ملندو هوم سو ڪندو هوس سمورو وقت ڪل، خوشي، مشغولي ۽ وندر ۾ گذري ويندو هو.

منهنجو خاڪسار ٿيڻ: انهن ڏينهن ۾ اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ دوست اسڪول ماستر هو اهو ٻاهران آيو هو سو خاڪسار تحريڪ جو پيغام کڻي آيو. ۽ شهر جي نوعمر جوانن کي پريڊ ڪرڻ سيکارڻ لڳو. خاڪي ڪپڙا پهرائي خاڪساري جو "اخوت" جو نشان سيني کي چهٽايائين. منهنجي ڳوٺ جي خاڪسارن جو مرڪز منهنجو دڪان ٿيو. آئون به دوستن جي ديکا ديکي جي ڪري خاڪسار ٿيس. جوش خروش سان ڪم ڪي لڳي ويس. ۽ بين ڏوراهن خاڪسار دوستن سان خط و ڪتابت ڪرڻ لڳس. خاڪسار تحريڪ جو هڪ ماهوار

رسالو جو مرحوم مير نصير محمد خان نظامائي ”خاڪسار سپاهي“ جي نالي سان ڪڍيو هو اهو به گهرائي پڙهيم انهيءَ کان پوءِ لاهور جي ”الاصلاح“ اخبار به گهرايم خاڪسار تحريڪ جو لٽريچر تذڪره، قول فعل، اشارات. مولوي جو غلط مذهب ۽ پيا به ڪتاب پڙهيم- جن منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو- ڳوٺ جا جاهل ملان ۽ پير سيدن جا مريد منهنجي سخت مخالفت ڪرڻ لڳا ته آن کان وڌيڪ تحريڪ جو ڪم ڪرڻ لڳس. يوپي ۾ خاڪسارن جو لڪر ٽيو ته اتي محاذ قائم ڪيو ويو. لکنو ۾ شيعه سني فساد ڪندا هئا تن کي ڏاهڻ لاءِ خاڪسارن ڪوشش ڪئي ۽ آتي ويا ته انهن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. بلند شهر ۾ خاڪسارن تي گولي به هلائي ويئي. انهي وقت تحريڪ جا مجاهد لکنو ويا تي آئون به سنبت ۾ هوس ته خبر آئي ته محاذ ختم ڪيو ويو.

١٩٤٠ع ۾ لاهور ۾ سڪندر حيات خان خاڪسار تحريڪ تي بندش وڌي. خاڪسار انهيءَ جي پڇڪڙي ڪري ٣١٣ خاڪسارن جو هڪ جٿو روانو ڪيو جنهن تي گولي هلائي ويئي. ڪيترا خاڪسار شهيد ٿيا. آن بعد سنڌ مان به جٿن روانا ڪرڻ جو آرڊر ٿيو. اسان جي ڊگهڙي جا سالار اسلم چوڌري ۽ شيرمحمد لغاري مونکي حڪم نامو ڏيڻ آيا. آئون انوقت هڪ باغ ۾ مزدوري ڪندو هوس جو مون مقاطع تي ورتو

هو. اُن ڏينهن باغ جي انبن پهرين شاخ ڏني هئي.
آئون اُها پڪل شاخ کڻي آيو هوس. شام جو ٻئي
سالار صاحبان آيا مونکي هلڻ لاءِ حڪم ڏنائون. مون
گهران ماني آندي سا کائي اُهي ٽانو آتي ئي رکي گهران
موڪلائيءَ کان سواءِ روانو ٿيس. ڇاڪاڻ ته خبر هيم
ته موڪلائڻ سان ڪڏهين به ڪونه ڇڏيندم. پيا جيڪي
به ڳوٺ جا خاڪسار هئا تن کي هلڻ لاءِ چيم مگر هو
نه هليا. اسين رات ئي روانا ٿياسون منهنجي ڳوٺ وارن
منهنجي ارادي کان منهنجي مائٽن کي واقف ڪيو.
ماءُ پيءُ جو فقط آئون هڪڙوئي اکين جو آسرو هوس.
سي راتو رات پيرو کڻي منهنجي پويان پيا. ڏگهڙيءَ
شهر ۾ اچي پچا ڪيائون ته خاڪسار ڪٿي ٿا رهن.
صبح جو ڪين خاڪسارن جي مرڪز جو پتو پيو. هي
اچي انهيءَ ماڙي هيٺان ويهي رهيا. آئون ماڙي تان
سڀ ڪجهه ويٺو ڏسان مگر هيٺ اصل نه لهان ڇاڪاڻ
ته خاڪساري عقيدي موجب راهه خدا ۾ جان جي
قرباني ڏيڻي ڇڪس. سو هاڻي انهيءَ قرباني کي پٺ
ڏيئي ڪيئن پٺ تي وران. ان حال جي ڪري منهنجا
به ٻئي ڏينهن انهيءَ ماڙي ۾ ئي صرف ٿيا. آخرڪار
مائٽ ويچارا نااميد ٿي روئي رڙي واپس گهر موٽيا.

اسين جمعي جي ڏينهن گاڏي ۾ سوار ٿياسون.
منهنجي سوٽ جمع خان کي جا خبر پيئي سو لاڙيءَ
تي چڙهي ميرپور کان اچي منهنجو اڳ ورتائين ۽ هڪ

سپاهيءَ کي ٻه وڻي آيو جيئن ميرپور ۾ گاڏي آئي ته مونکي ڪٺي پڪڙايائين. مون سپاهي کي چيو ته مون کي ڪهڙي ڏوهه ۾ تون گرفتار ڪرين؟ ان تي سپاهي جواب ڏنو ته هيءَ تنهنجو چاچو ٿو چوي ته تو چوري ڪئي آهي. مون چيس ته ڀيرين چاچا کان پڇ ته مون ڪهڙي چوري ڪئي آهي. هن چاچا کان پڇيو. ان تي چاچا چيو تـہ تـہ هن ڪا چوري ڪانہ ڪئي آهـي مگر خاڪسارن سان ٿو وڃي. ۽ سندس ماءُ پيءُ روئي رڙي اندا تي پيا آهن. ان ڪري آئون هن کي وٺڻ آيو آهيان. ان خبر ٻڌڻ شرط سپاهي مونکي ڇڏي ڏنو.

اسين ٻاهر آياسين پر چاچو صفا نه ڇڏيم. ڪيترن ماڻهن کي گڏ ڪري چوڻ لڳو ته هن کي سمجهايو. پهلوان جي هوٽل تي ڪيترن ماڻهن جو هجوم مونکي وڪوڙي ويو. تن به مونکي چڱي طرح سمجهايو: مون هنن کي دلاسو ڏنو ته هاڻي آئون ڪونہ ٿو وڃان. اهڙي ريت چاچاکي آتي ڇڏي لڪي پيشاب جي بهاني سان آئيس، هنن کي مون چيو ته هاڻي مونتي ڀروسو ڪريو آئون اچانئو. ائين ڪري آئون وڻي ڀڳس موميرپورخاص کان ريلوي لائين ڏيئي رتن آباد اسٽيشن تي پهتس، اجا گاڏيءَ کي دير هئي سو سلطان آباد آيس ته گاڏي آئي هڪدم چڙهي ويٺس. گاڏي ۾ ويهڻ شرط دوستن جي جاچ ڪيم. شير محمد لغاري ۽ چوڌري اسلم به مونکي ڏٺو تن پاڻ ڏي اچڻ لاءِ اشارو ڏنو. آن گاڏي مان لهي وري هنن

وارين گاڏيءَ ۾ چڙهيس ۽ هڪدم سوٽ ڪوٽ هٿن وارو پاتي- ڊريس بدلائي پاڻ کي اهڙو اجنبي بنايم جو گاڏيءَ ۾ ويٺل منهنجن مائٽن مان به ڪنهن مونکي ڪونه سڃاتو. حيدرآباد اسٽيشن تي هو سلوار وارن ڏي نهاريندا رهيا- آئون هنن جي اکين اڳيان گيٽ تان منٽي هليو آيس. پاهر نڪرڻ بعد اسين الهداد چنڊ جي گهوٽ آياسين. جت اسان جو مرڪز هو. آئي پهتاسون

هڪ به رات رهي پين خاڪسارن دوستن جو انتظار ڪيوسين. اڄيئن چڱي چوڪي تياريءَ سان جهاد ۾ شريڪ ٿجي. آخر ٽن ڏينهن ڪان پوءِ گهٽو ڪري سڀ خاڪسار اچي ويا- مگر مير فتح خان تنڊي جان محمد وارو ۽ ڪي ٻيا ڪوڙا بهانا ڪري پٺي واپس روانا ٿيا. باقي اسين پندرهن ڄڻا روانا ٿياسون. اسان کي روهڙيءَ ۾ اچڻ لاءِ حڪم هو اتي پهتاسين. درياه جي ڪناري وار مبارڪ واري مسجد ۾ ترسيا سون ٻن ڏينهن بعد ٣١ ڪن خاڪسار اچي گڏ ٿيا. جن ۾ مولوي خير محمد نظاماڻي- حافظ رڪن الدين (جو پوءِ شهيد ٿيو) حڪيم حاجي علي اڪبر نوراني، ڊاڪٽر شير محمد نظاماڻي، محمد عيسيٰ نظاماڻي، شريف درزي مکيه ڪارڪن هئا.

٣٠ مئي ١٩٤٠ تي روهڙي اسٽيشن تان گاڏي ۾ سوار ٿي منڊي ديري جي اسٽيشن تي اچي لٿاسين. ڪن مجاهدن وٽ ته ملتان جون مدٽيون ٽڪيٽون به

هيون. اسان پنهنجا بيلچا بسترن ۾ لڪائي ڇڏيا ان هوندي بہ سي - آء - ڊي وارن کي ڪا خبر پئجي ويئي هئي. تن اطلاع اڳيئي ڪري ڇڏيا هئا. اسٽيشن خانپور تي پوليس اچي چرڦر ڪئي، جنهن جي ڪري اسان جي سالار اسان کي وردين پهرڻ جو حڪم ڏنو. اسان حڪم جي موجب هڪدم ورديون پائي لال ـ اخوت جا نشان چڙهي تي هٽي پنهنجا بيلچا تيار ڪري نڊيڙيون حمال شريڦون پنهنجي بغل ۾ وجهي تيار ٿياسون. بگر بگل فوجي وڳو ۽ جهنڊو آيو ڪري سڀ لهي پياسون. اسٽيشن تي هزارها ماڻهو اچي مڙيا مولوي صاحب تقرير ڪئي جا نهايت جوشيلي هئي. پوليس سمجهيو تہ هنن کي هتي اسين گرفتار ڪري نہ سگهنداسين. تنهنڪري گاڏي کي هلڻ جي اجازت ڏنائون جڏهن لوڏران اسٽيشن تان گاڏي ڇٽي تہ هڪ ٽڪيٽ ڪليڪٽر اسان جي سالار کي چٺي اچي ڏني. تہ وچ ۾ گاڏيءَ تان لهي وڃجو. نہ تہ اڳيان شاهنال ريلوي اسٽيشن تي پوليس گهڻي جمع ٿيل آهي. جيڪا توهان کي گرفتار ڪندي.

سالار اسان کي حڪم ڪيو تہ تيار ٿيو پنهنجو سامان هٿن ۾ ڪڻو جو گاڏيءَ تان لهڻو آهي. اسان جلدي تيار ٿي وياسين. سالار ـ گاڏي جي زنجير ڇڪي گاڏي بيهاري. گاڏي بيهندي اسين هڪدم لهي پياسون. ۽ سالار جي حڪم موجب لائين ۾ بيهي وياسين.

جهنڊي وارو اڳيان هو ٻگل وارو ٻگل وڄائي رهيو هو. خدا جي فوج خدا جي زمين تي مارچ ڪرڻ لڳي. ٽڪيٽ ڪليڪٽر ۽ گارڊ ٽڪيٽ جي گهر ڪئي مگر سالار جي هڪ ئي دڙڪي سان گاڏي ڪي هلڻ جو حڪم ڏنائون ۽ هي راهي ٿي ويل اسان جو مارچ لولهه طرف شروع ٿيو اهو وقت شام جو هو. ڪلاڪ ڪان پوءِ وري اوير طرف ڦرياسون. وري پوئتي هلڻ لڳاسين. جيئن جهنگل سان مارچ ڪندا ٿي وياسين. تيئن انهيءَ وقت ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي ڍڪ به اسان کي هٿ ڪونه لڳو. آڃيا ٻکيا به خوشي سان هلندا رهياسين تان جو لوڌار ڪان نڪتل ٿي ريل جي رستي تي اچي پهتاسون. سڄي رات پنڌ ڪندا لنڊيون لتاڙيندا عصر مهل رڪن پور اسٽيشن تي اچي پهتاسون. اسٽيشن تي فقط هڪ ڏيو چمڪي رهيو هو. پاڻي ٻه ڪونه هو. مشڪلات سان ٻه ٽي گلاس پاڻي هٿ لڳو جو ڍڪ، ڍڪ پيتوسين ٻه سپاهي ٻهري تي بيٺا، پيا سالار جي حڪم موجب سڄي رهيا. گاڏيءَ جي اچڻ جي گهنڊي وڳي حافظ رڪن اسان سڀني جون ٽڪيٽون وٺي آيو. گاڏي آئي سڀ گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺاسون. ويچارا غريب ماڻهو اسان جي گاڏي مان لهي ٻين گاڏن ۾ وڃي ويٺا، جوڻ لڳا ته سوين پوليس هن جي انتظار ۾ ريل جي پٽڙيءَ تي بيٺي آهي. لاهور ۾ خاڪسارن تي هلايل گولين جون خبرون هن اڳ ۾ ئي ٻڌيون هيون. ان ڪري

هو ويچارا لهي ويا هئا اسين گاڏي ۾ رڳا پاڻ ۾ ئي هئاسون. صبح سويل خانيوال اسٽيشن تي گاڏي پهتي. گاڏي پهچڻ سان پوليس جي چرپر شروع ٿي ويئي ۽ اسان جي گاڏي کي گهيرو ڪري ويئي. ايتري ۾ ٥، ٦ لاريون پوليس جون ملتان کان پرجي آيون. هڪ زميندار به ڪي هاري پوليس جي مدد لاءِ وٺي آيو هو. جنهن جي ناني جي پوءِ خبر پئي ته پوليس جو نوازيل انگريز جي خانبهادري لقب جو ممتازيل خانبهادر فريد خان هو. هڪدم مئجسٽريٽ ايس ڊي ايم آيو. پوليس جا آفيسر ۽ صوبيدار به آيا. اسان جي سالار مولوي صاحب جن کي چيائون ته اسان کي توهان جي گرفتاري جو حڪم مليل آهي ۽ توهان گرفتار ٿي وڃو. ان تي مولوي صاحب هنن کي چيو ته اسان جون ٽڪيٽون مٿنگمري جون آهن. اوستائين اسان کي وڃڻ ڏيو اتي به پوليس آهي آءٌ اسان کي پاڻهين گرفتار ڪندي. انهيءَ رد ڪد ۾ هنن اسان جو گنڊو اتي ئي ڪاٽي ڇڏيو ۽ بي گاڏي لاهور رواني ٿي ويئي. اسان جو گنڊو پليٽ فارم تي بيهاري پوءِ پوليس پاڻ ۾ صلاح مشورتون ڪرڻ لڳي ته هنن کي ڪهڙي ريت گرفتار ڪجي.

آخرڪار مولوي صاحب گاڏيءَ جون دريون بند ڪري اندران اسان کي چيو ته بيلچا کڻي بيهو ۽ جي آڻون چوان ته حفاظت ڪريو ته بيلچا هڻجو. ايتري ۾

پوليس کي حڪم ٿيو ته هنن کي گرفتار ڪريو. تنهن
تي پوليس هڪدم اسان تي حملو ڪيو. گاڏيءَ جون
دريون پوليس سنگينن سان ڀڃي ڇڏيون. اسان به اندران
بيلچا هڻندا رهياسون. هنن وٽ سنگينون، بندوقون ۽ ڏگهيون
لٺيون هيون. هنن گولي بازي ڪانه ڪئي، مگر لٺين،
ڪنداڪن سان حملو ڪري اسان کي ڪيرائي وڌائون.
مون پنهنجي زندگي ۾ پهريون دفعو هي مقابلو ڏٺو هو.
سنگينون چمڪاٽ ڪري پيون آيون. انهيءَ لڙائيءَ ۾
پهرين صف وارن کي سخت ڌڪ لڳا. گاڏي جي پنهنجين
دروازن تي مولوي خير محمد ۽ حافظ رڪن الدين هئا
هڪ پوليس وارو سک دروازي کان جيئن مٿي چڙهڻ
لڳو ته حافظ صاحب هن کي گوڏي ۾ بيلچو هنيو ۽
هن کي سخت زخمي ڪري وڌو. سک کي سخت غصو
آيو. پر ۾ بيٺل هڪ سک سپاهي کان بندوق ڦري
سنگين جا ٥، ٦ وار حافظ رڪن الدين تي ڪيائين جن
جي ڪري حافظ ڪري پيو. دروازي مان پوليس جا
سپاهي مٿي چڙهي آيا. مولوي خيرمحمد نهايت جوان مردي
سان سندن مقابلو ڪيو. آخرڪار سڀني خاڪسارن کي
گرفتار ڪري ڪنڌ کان جهلي گهليندا گڏيءَ تان هيٺ
ڪيرائيندا ٿي ويا. سڀني کي پڪي پليٽ فارم تي
آندائون. حافظ کي سخت ڌڪ لڳا هئا وري جيئن
گاڏي تان ڪيس اڇلايائون ته هو بيهوش ٿي ويو. گهڻو
رت وهندو ڏسي پوليس وارا چوڻ لڳا ته: او مرگيا.

او مرگيا - ۽ اسان جا منهن ان طرف کان ڦيرائي ٻئي طرف ڪيائون. بندوقن جي ڪندن ۽ لٺين سان اسان سڀني جي خوب سنڀال لڌائون. ان بعد لانگ بوٽن جي ٺڏن سان اسان کي اڏاري تلاشي وٺڻ شروع ڪيائون، ۽ مشير ناما ٺاهيائون. انهن پوليس وارن ۾ ڪي نيڪ بندا به هئا، جن هن ڪربلائي واقعي تي سخت رنج ۽ افسوس ڪري پاڻ ۾ هيئن پئي چيو ته: 'هائي هائي، هم يزيدي هوگئے، پيٽ کي لئي اپني مسلمان ڀائيون کو اسان مار ڏنا'. ايتري ۾ خانيوال شهر جا مسلمان تمام گهڻي انداز ۾ اتي اچي ويا، جن پوليس کان اسان کي ماني کارائڻ ۽ پاڻي پيارڻ جي اجازت گهري جن اجازت ڏني. هي ڪئين شيون، مانيون ۽ ٺڏو ڪٺي آيا هئا. اسان پاڻي ڍڪ، ڍڪ پيتو باقي ماني ۽ شين کي ڪنهن به هٿ ڪونه لاتو - هڪ بدن تي زخمن جو سور، ٻي طرف هڪ محسن بهادر سپاهي جي شهادت يعني حافظ رڪن الدين جو لاش مبارڪ اکين آڏو رکيل هو. نيٺ اٽڪل هڪ بجي ڌاري پوليس سڄي ڪارروائي مڪمل ڪري اسان کي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ چيلهه ۾ رسا وجهي ڪٺي لارين تي چاڙهيو.

مولوي صاحب آيل ڳوٺ جي ماڻهن کي يعني خانيوال جي مسلمانن کي چيو ته: "اي مسلمانو - هي شهيد جو لاش توهان جي ني سپرد آهي - ۽ اسين هاڻي جيل وڃي رهيا آهيون." ان وقت هڪ عجيب نظارو هو. هتي

مسلمانن ۾ اسان جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هنن وڏي آواز سان چيو ته اوهان ڪوبه فڪر نه ڪريو. اسين سڀ انتظام ڪنداسين.

اسان کي لارين تي چاڙهي سڌو ڊسٽرڪٽ جيل ملتان تي ڪٺي آيا. اسان پنهنجي سالار جي حڪم موجب وضو ڪري ٻانگ ڏيئي نماز لاءِ جماعت تيار ڪئي ان خبر تي جيل جو وڏو جيلر آيو، جو هڪ هندو هو. ان اچي چيو ته ميان "يه جيل هي- يهان آپڪو الگ الگ نماز ادا ڪرني هوگي. همارا سارا نظام تم درهم برهم نه ڪرو، تم جيل ڪي قانون مطابق جماعت ڪي سات نماز ادا ڪر نهين سڪتے". تنهن تي مولوي صاحب چيو ته "هم نماز پڙهني ڪي لئي تو جيل مين آئي هين هم باجماعت نماز تو پڙهينگي ليڪن صبوح و شام پريڊ ڀي ڪرينگي. آپ ڪسي طرح ڀي همين روڪ نهين سڪتے". انهيءَ ڪشمڪش جي ڪري جيل ۾ شروعاتي گڙ ٻڙ پيدا ٿي. شام جو سڀني کي الڳ الڳ ڪري انڌارين ڪوٺين ۾ بند ڪيائون. هڪ گرمي، ٻي اونده انڌوڪار. ٽي طرف وري بدبوءِ. ڏهن فوٽن جي همچورس ڪوٺڙي. ڪٺا، ٽنڊڻ، ڪاڪوس خانو، سڀ آتي. ڪٺا، پيشاب واري پاٽ مان پڇ ٻوڙي، اسان جي ڇاتي تي اچي چٽڪار ڪندا هئا.

ڪلاڪ ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ پهري تي پوليس وارو دروازي تي زور سان ڏنڊو هڻي چوندو هو ته

”بول جوان، بول جوان“ جيستائين ڪيس جواب نہ ڏيو هو تيستائين نڪ، نڪ ڪندو رهندو هو. اهي شروعاتي راتيون تمام تڪليف ده ۽ ڏکيون گذرنديون هيون. ليڪن انسانذات پهاڙ کان بہ سخت آهي جي ڪيڏيون ۽ ڪيتريون مصيبتون ۽ تڪليفون در پيش اچن ٿيون تن کي برداشت ڪري سگهي ٿو. اهڙي ريت بہ هفتا گذريا تہ اسان کي هڪ مئجسٽريٽ اڳيان پيش ڪيو ويو. آهو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ بہ شايد ڪو ڪٽر هندو هو. جو پهرين شنوائي تي فقط هي سوال پڇيائين تہ اوهان خاڪسار آهيو. سڀني هڪ آواز ۾ جواب ڏنو تہ هائو اسين خاڪسار آهيون. بي شنوائي تي سڀني کي سڏي ڪورٽ ۾ بڌايو ويو تہ اوهان خلاف قانون جماعت جا فرد آهيو تنهن ڪري توهان کي ڇهہ، ڇهہ مهينا جيل جي سزا ڏجي ٿي.

سزا ملڻ بعد اسان سڀني کي قيدين جا ڪپڙا ڏنا ويا. سي ڪلاس قيدي هجڻ ڪري اسان تي جيل جو پورهيو بہ مقرر ڪيو ويو. مڃ جو وان اٽڪل ٿي سير ڪن ناهڻو پوندو هو.

پير جهڪو اسان تي پوليس جو وڏو ڪيس هو سو جيل جي اندر هلندو هو. اسان جي طرفان مهر محمد صادق وڪالت ڪئي ۽ ملتان جو وڪيل ملڪ ڪرم ايزد نالي سان آن بہ اسان جي وڪالت ۾ چڱو بهرو ورتو. مرحوم نصير محمد نظاماڻي وڪيل بہ

شنوائي تي ايندو هو. ۽ دفعا مير علي احمد صاحب ۽ جيل ۾ اچي اسان سان ملاقات ڪئي هئي. ايترين تڪليفن ۽ دردن هوندي ۽ خاڪسارن ۾ جيڪا محبت ۽ ميناج هو ان جي ڪهڙي تعريف ڪريان. هو هڪ ٻئي کي حقيقي ڀاءُ کان به وڌيڪ پيار ڪندا هئا. خاڪسارن جي محبت ۽ همدردي جهڙو پيار مون اڄ ڏينهن ڪٿهن به سياسي ورڪر ۾ ڪونه ڏٺو آهي.

جيل جي نظام کان علاوه اسان جو پنهنجو به جيل ۾ انتظام هوندو هو. اسان جا ڪئمپ سالار اول، جيل سالار بارڪ، سالار محتسب، سالار مشقت، وغيره جا سالار مقرر هئا.

جيل وارن کان سمورن جو ڪم هڪڙو سالار وٺي ايندو هو. پوء سڀني کي قطار ۾ بيهاري، جيڪي ناچاڪ بيمار هوندا هئا، انهن کي ڪم کان ڇٽي ڏني ويندي هئي باقي جيڪي تندرست هوندا هئا تن کي اهو ڪم ڏنو ويندو هو. سڀ گڏجي تمام محبت ۽ پيار سان ڪم ڪندا هئا. اٺون پيڙڻ جو موالي هوس ليڪن خانيوال کان جيئن قيد ٿيس تيئن جيل ۾ پيڙي نه ملڻ ڪري پيڙين کان صفا آهو ڪٽي ڇڏيم ۽ اڄ تائين پيڙي کان بچيل آهيان. اسان جي پريڊ، روزاني باجماعت نماز، محبت ۽ خلوص جي ڪري جيل جو عملو اسان تي خار کائيندو هو. آخرڪار جيل جي قانون مطابق هنن اسان جي سالارن تي پيشي ڪئي. ڇهه، ڇهه

هفتا سالارن کي انڌاري ڪوٺي ۾ بند ڪرڻ جي سزا ڏني ويئي- جيل ۾ اسان کان الڳ ڪيو ويو. ان تي اسان جي خاڪسارن مطالبو ڪيو ته اسان جي سالارن کي اسانوٽ موڪليو جي اسان جا سالار اسان کان الڳ ڪيا ويا ته پوء اسان کي هن جيل مان بدلي ڪري ٻئي جيل ۾ موڪليو وڃي. ٻي صورت ۾ اسين هن جيل ۾ نه رهنداسون.

هنگامي جي شروعات- انهيء تي جيل اندر سخت افراتفري مچي ويئي. شام جو جڏهين ساڍا چار سؤ خاڪسار بارڪن ۾ بند نه ٿيا تنهن تي جيل وارن کي سخت پريشاني ٿي. ٻاهران پوليس به گهرايائون. جيل جي سپريڊنٽ سيانپ ڪري شام جو اسان جي سالارن کي گهرائي چيو ته چڱو توهانکي ٻئي جيل ڏي ٿا موڪليون. ٻئي جيل تي موڪلڻ لاء ٻيڙيون هڻيون پونديون آهن. تنهنڪري توهان ٻيڙيون هڻايو- سالارن جي حڪم تي سڀني ٻيڙيون هڻائڻ شروع ڪيون- ليڪن ٻيڙيون ڪٿي پيون. تنهنڪري جيل وارن کي بهانو ملي ويو. چيائون ته ايتريون ٻيڙيون به ڪين آهن تنهن ڪانسواء ٻاهرين پوليس به نه پهتي آهي. رات جا ڏهه ٿي ويا آهن. اڄ ڏهيو صبحاڻي موڪلڻ جو بندوبست ڪنداسون- سالارن جي حڪم تي سڀني خاڪسارن پاڻ کي جيل اندر بند ڪرايو. ٻيڙيون لڳرائي بارڪن ۾ بند رهيا صبح جو جيل وارن کي ٻيڙين کولڻ لاء

ڇيو. مگر هنن باريڪن ۾ پيڙين ڪولڻ کان صفا نابري واري. خاڪسار باريڪن ۾ بند رهيا. پيشاب ۽ پائخاني جي بدبوءِ خوب ڦهلڻ لڳي. لاچار تنگ ٿي سالارن جي حڪم تي اهي لڳل پيڙيون ٽوڙڻ شروع ڪيو سين. سڀ گڏجي هڪ جي پيڙي کي لڳا آن جي پڄڻ کان پوءِ ڪم آسان ٿي ويو ۽ پيڙيون پڄي سڀ تيار ٿيا. پيڙيون واڻ جون ڪولي لوهي ڏنڊن کي ويڙهي وڙهڻ جا هٿيار ٺاهيا ويا.

آخرڪار مجبوراً ٻئي ڏينهن سپني کي باريڪن مان ڪوليو ويو. انهيءَ ڏينهن به جيل ۾ بند ٿيڻ کان انڪار ڪيائون. ۽ چيائون ته يا سالار انڊيرين ڪوٺين مان ڪڍي واپس آندا وڃن. يا اسان کي ٻئي جيل ڏي بدلي ڪيو وڃي. جيل جي قانون موجب شام جو قيدين کي باريڪن ۾ بند ڪرڻو آهي. ليڪن ته بند ٿيڻ کان انڪاري هئاسون. ان ڪري تمام وڏو گوڙ مچي ويو. ٻاهران پوليس جو وڏو انبو اچي ويو اٽڪل ۹ بجي ڊاري مئجسٽريٽ پوليس سميت اندر آيو ۽ چيائين ته اوهان باريڪن ۾ هليا وڃو نه ته اوهان جا لاشا به باريڪن ۾ بند ڪيا ويندا. ان تي وقتي سالار باريڪن ۾ بند ٿيڻ جو حڪم ڏنو. مگر هڪ ڪراچيءَ جي مڪراني خاڪسار جوش وچان سينٽرل جيل جي جيلر کي ڏنڊو وهائي ڪڍيو. ان تي مئجسٽريٽ اسان تي لاٺي چارج ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ ته پوليس

اسان خاڪسارن ني اچي لئين جا وسڪارا ڪيا. ڪيترا ويچارا سخت زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال رسايو ويو. جيڪي خطرناڪ نظر آين تن کي پيڙبون هٿي اونداهين ڪوٺين ۾ بند ڪيو ويو. بي انتها تڪليفون ڏنيون ويون. تان جو پهريون شروعاتي ڪيس جيل اندر هلي پورو ٿيو جنهن ۾ ۲۸ خاڪسارن کي اڍائي سال جيل مولوي خير محمد نظاماڻيءَ کي ساڍا چار سال جيل جي سزا ڏني ويئي. اها سزا پهرين ڇهه مهينا پوري ڪرڻ بعد ملي هئي. پهرين سزا ڪاٽڻ بعد ٻه اڍائي مهينا وري ڪچي جيل ۾ هئاسين. آن بعد پهرين ڪيس واري سزا ملي. ٻي دفعي اسان کي وري قيدين وارا ڪپڙا پهرايا ويا ۽ سختي ڪيائون. ان وچ ۾ ڪيترا خاڪسار ڇٽا. ڪن کي فيروزپور ۽ انبالا جيل ڏي بدلي ڪيائون. انهيءَ پهرين ڪيس واري ٻي سزا کان اڳ منهنجو پيءُ ملاقات لاءِ ملتان جي پيرن جي معرفت آيو ته آئون معافي وٺان. ان ڳالهه کان مون صفا نابري واري. ويچارو ۶-۷ ڏينهن جيل جي گيٽ تي روئي رڙي نااميد ٿي واپس موٽيو. اسين سڀ انهيءَ جيل ۾ رهياسون. مولوي صاحب جي جتي وارن ۽ خانيوال وارن خاڪسارن هائي سزا خلاف سيشن ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي. ملتان جي گرمي ۽ سوڙهين ڪوٺين، ڪئن ۽ ٽنبڻن جي چرپر جي ڪري ٻه اسان جي دل کي ڪوبه لوڏو ڪونه آيو ۽ پنهنجي ڪئي تي ڪڏهين

۾ پشيمان نہ ٿياسين. گرميءَ جي ڪري سڄي بدن تي ڦرڙيون نڪري پيون هيون. جي رات جو گهڻو سور ڪنديون هيون مگر ڪابہ پرواھ ڪانہ هئي. ڪجھ ڏينهن گذرڻ بعد اسان کي انڌارين ڪوٺين مان ڪڍي وري باريڪن ۾ رهايو ويو.

ڪبوترن جو شڪار:-

جيل ۾ ڪبوتر تمام گهڻا هوندا هئا. ننڍپڻ کان منهنجو باغن جي ڪم سان وهنوار گهڻو هو. جنهنڪري گلول جو تمام چوڙو هوس. ڪبوتر جام ڏسي منهنجي دل اچي هرکي. ڇا ڪيم جو بوٽ جي ٽري جو ربڙ ڪڍي. ان کي چلي سنهون ڪري هڪ ڪاني هٿ ڪيم جنهن ۾ ربڙ وجهي گليل ٺاهيم. باريڪ جي پر ۾ ڪنڀارخانو هو ان مان مٽي ڪڍي گوليون ٺاهي ڪبوترن جو شڪار ڪندو هوس. آئون هڪ ٿي روزانو ٢٠ - ٢٥ ڪبوتر شڪار ڪري سيني خاڪسارن کي گڏ ڪارائيندو هوس. بصر ۽ تيل جام هوندو هو ۽ تريل ڪبوتر ڏاڍا لذيذ ٿيندا هئا. پر ڪبوترن جي کائڻ ۽ گرمي جي ڪري منهنجي بدن ۾ گرمي ٿي پيئي. ۽ بخار بہ اچڻ لڳو. اهي هئا جيل جا ڏينهن جي خوشيءَ سان پئي گذارياسين.

سياسي قيدين سان جيل ۾ ملاقات:-

هي ٻهريون ٿي موقعو هو جو مونکي حيدرآباد کان دور پرديس ۾ گهارڻ جو موقعو مليو هو. آئون اڻ ڄاڻ

هوس. مون کي سياسي بحران جي ڪابه سوجهه ٻوجهه ڪانه هئي. نه سياسي جماعتن جي متن ۽ اصولن جي خبر نه وري جماعتن جي ليڊرن جي ڪا واقفيت هئي. ان وقت ڪانگريس طرفان انڊيا جي تحريڪ پڪڙي رهي هئي ۽ سنڌ ۾ وري حر تحريڪ جو به زور شور هو. هن جيل ۾ ڪيترن جماعتن جا اڳواڻ خاص طرح ڪانگريسي، احراري، سوشلسٽ، ڪميونسٽ، قيدي ساڳي جيل ۾ بند هئا ـــ ڀڳت سنگهه جي پارٽي جا به قيدي بند هئا ـــ جليانوالا باغ ۾ جن تي گوليون هلايون ويون هيون سي به اتي هئا. بابا قيصر سنگهه جيڪو ٢٠ سالن کان جيل اندر بند هو. انهيءَ سان ملڻ جو شرف حاصل ٿيم. هو سفيد ريش بزرگ ڏسڻ ۾ بي آيو، سندس چهرو نور وانگر پئي چمڪيو. جنهن مان شرافت، شجاعت ڏيئي وانگر پئي ٻرڪي. انگريزن جي دشمنيءَ ۾ حر مجاهد سچو رکيو پيو هو. پنهنجي ڪئي تي ڪڏهن به پشيماني ظاهر نه ڪيائين. هميشه آزادي جو ڀوت سندس سِرَ تي سوار هوندو هو. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ نيڪ ڳالهيون رکيو آزاديءَ خاطر هونديون هيون. قيد جا قيدي، هندو مسلمان سڀ سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. خاص ڪري سک ته پنهنجو پيشوا ڪري سمجهندا هئس.

ٻيو چوڌري عطاءُ الله جهانيا هو سو به ان وقت جيل ۾ هو. ڪيترا احرار جماعت جا ليڊر ۽ ڪارڪن هئا.

حافظ نعمت الله نابينا، احراري ليڊر به ان جيل ۾ هو.
هو معذور ساٿهو جيل ۾ تمام لاچار هو جو هن کي
اُٿ ويهه ۽ ڪاڪوس وغيره جي سخت تڪليف هئي.
هن کي اسان پاڻ وٽ رهايو. هو به اسان وانگر سي
ڪلاس ۾ هو. بين کن ڪانگريسين ۽ سوشلسٽن کي
بي ڪلاس مليل هئا. مگر ماڻهن ۾ هن ويچاري معذور
لاءِ ڪابه دلچسپي ڏسڻ ۾ ڪانه آيو. جو ڪٽي هن کي
ڪاڪوس ۾ نين، يا بسترو وڇائي ڏين. هن حافظ کي
اڍائي سال سزا مليل هئي جو هن فوج جي ڀرتيءَ خلاف
هڪ جلسي ۾ غزل پڙهيو هو. هي آها فوج جي ڀرتي
هئي. جن ڪعبه خدا تي گوليون هلايون هيون. انهي
غزل جا ڪي بند مون کي اڃا تائين ياد آهن جي هي
آهن. پنجاب جا ماڻهو فوج ۾ تمام گهڻا ڀرتي ٿي ٿيا
جن کي خاص طور ترڪن ۽ عربن جي خلاف استعمال
ڪرڻو هون. ان ڪري حافظ پنهنجي شعر ۾ ماڻهن کي
اپيل ٿو ڪري ته اهڙي فوج ۾ ڀرتي نه ٿيو-

شعر

مؤمنو اب تو غيرت مين آنا
فوج مين بهرتي هوکر نه جانا
اب نه ترڪون پر گولي چلانا
اب نه عربون کو جا کر ستانا
اب نه ڪعبي کي پردي جلانا
فوج مين بهرتي هوکر نه جانا

اب نہ میڈل سربے ملینگے
اب نہ اپني بچوں سي آبے ملینگے
ھورھا ھے فرنگي رواں
فوج میں بھرتي ھوکر نہ جانا
چاھي دار پر ھمکو چڑہ دو
چاھے توبوں کے آگے اڑادو
ھم تو گائینگے یھی ترانا
فوج ۾ بھرتی ھوکر نہ جانا
ٻيو ھڪ پارسي ۽ پنجابي ۾ خواب ھو جو ڳايو ھئائون.
راتین مي پیا مبنون خواب آگیا
گئے فرنگی ایتھون انقلاب آ گیا.

انھن شعرن ۾ انگريزن جي ھتان وڃڻ جي پيشنگوئي ۽ غيرت آميز جملا ھئا. تہ جيئن ڪوبہ مسلمان فوج ۾ ڀرتي نہ ٿئي.

ھڪ انقلابي ڪميونسٽ سان ملاقات:-

انھيءَ جيل ۾ ھڪ ڪامريڊ ھيرا لعل نالي جوان بي اي پاس ڪيل بہ ھو. جنھنکي ۱۴ سال جيل جي سزا مليل ھئي. ھو وڏو بھادر ڪميونسٽ ھو. ھن انگريزن جون ڪيئي موٽرون جلائي ڇڏيون ھيون. جنھڪري ھن کي چوڏھن سال سزا ڏني ويئي ھئي. جيل ۾ بہ ھن وٽ لٽريچر تمام گھڻو ھو. ھن وٽ مارڪسزم بابت ڪافي لٽريچر ھوندو ھو ڪتابن جا ڪي

ڏکرا اهڙا ٻه هئا، جي مونکي سمجهائيندو هو، ۽ چوندو هو ته انگريزي ڏوکي سکڻ گهرجي مگر جيل ۾ انگريزي سکڻ جي مون لاءِ ڪا به سهوليت ڪانه هئي، اڻ هوندي به زمين تي ليکن وسيلي اي. بي. سي لکڻ سکيس اهو جوان سمورو وقت نون هاڻ جي هڪ نوجوان آگيڏني سان انگريزيءَ ۾ گفتگو ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سرمائيداري متعلق اسان کي سمجهائيندو هو، مگر اسان جا سالار اسان کي هن جي صحبت کان منع ڪري چوندا هئا ته هي خدا سائين جا منڪر آهن اوهان کي به پاڻ جهڙو منڪر مولا بنائي ڇڏيندا. اسين انهيءَ حيرانيءَ ۾ مبتلا هئاسون ته هي ڪيئن خدا جو منڪر هوندو—؟

هي ڪامريڊ ارادي جو پڪو، بهادر ۽ انگريزن جو جاني دشمن هو. هارين جي همدردي ۽ مزدور جماعت جي تحريڪ جو بنيادي تصور منهنجي دل ۾ ويهي ويو. هن جي صحبت منهنجي ذهن ۾ هڪ نئون ولولو پيدا ڪيو، اڻ کان علاوه ڪجهه اردو اخبارون ۽ رسالا به ڏيندو هو، مگر انهيءَ وقت اڙدو به پوري سمجهه ۾ ڪانه ايندي هيم، ازانسواءِ دوستن جي آکڻ ڪري ته هي خدا جا منڪر آهن تنهنڪري هن کان ڇرڪندا به هئاسون. اهڙي ريت جيل جا ڏينهن پورا ٿيندا پئي ويا. سوا ٻن سالن کان پوءِ اوچتو شام جو اسان پنجن خاڪسارن کي سڏ ٿيو. گيٽ تي وڃڻ بعد معلوم ٿيو ته اسان کي اپيل مان آزادي ملي آهي، اها خوشخبري

بدي جيل جا ڪپڙا لاهي، دوستن ڪان موڪلائي جيل ڪان ٻاهر نڪتاسين. ريل جي ٽڪيٽ جي بدران اسان کي پاسون ڏنيون ويون. جيل جو ڪمپائونڊر خاڪسارن جو همدرد ۽ هڏ ڏوڪي هو. رات جي ماني پنهنجي گهر آڻي اسان کي کارايائين، ۽ وري سٺاسون اچي وڪيل ملڪ اڪرم جي ڪوٺي تي – آسر مهل گاڏي تي چڙهي سنڌ ڏي راهي ٿياسون. حيدرآباد ۾ لهي خاڪسارن جي مرڪز تان ٿي ميرپورخاص پهتس. انهن ڏينهن ۾ لنڊو هلندڙ هو انهي تي چڙهيس گاڏي اچي جيمس آباد بيٺي. ڏٺم ته هڪ ماڻي جو عزيز رهجي ويو هو پاڻ اڪيلي سير اسٽيشن تي روئي رهي آهي ان ڪري آئون ڊگهڙيءَ بدران جيمس آباد لهي پيس، خاڪسار اصول موجب مسڪين، بي واهه جي مدد ڪرڻ مون تي فرض هئي تنهنڪري ورهن جي سڪ کي ترڪ ڪري اتي لهڻ جو ارادو ڪيم. ٽانجو پوئين گاڏيءَ ۾ سندس عزيز به آيو. ماڻيءَ کي سندس حوالي ڪري گاڏي تي چڙهڻ تي ويس ته اوچتو منهنجو پيڙو پيءُ به اتي جيمس آباد اسٽيشن تي ساڳيءَ گاڏي جي ٽڪيٽ وٺي چڙهڻ لاءِ آيو. هو به منهنجي حال احوال وٺڻ لاءِ پيرَ خاڪسارن وٽ ويو هو. اوچتو سندس نظر مون تي پئجي ويئي بوڙي خوشيءَ مان اچي مونکي ڀاڪر پاتئين. پدري شفقت جي ڪري روئي مون کي ڳلن تي چميون ڏيڻ لڳو. اسين ڊگهڙيءَ ڪان لهي ڳوٺ روانا ٿياسون. منهنجي پهچڻ ڪان اڳ ڪنهن آمان کي منهنجي

آزاد ٿيڻ ۽ خير سان اچڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي. هوء ويچاري به گهڻو پنڌ ڪري ڳوٺ کان ٻاهر منهنجي ملڻ لاء آئي، پيا به ڳوٺ جا ڪيچ ماڻهو اچي گڏ ٿيا، گهر تائين هڪ چڱو خاصو جڻ غريبانو جلوس هو.

ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت رهڻ بعد ڪرم علي لغاريء جي ڳوٺ جي دوستن جي دعوت تي آتي ويس. آنهن دوستن منهنجي اهڙي عزت افزائي ڪئي جڻ ته آئون بيت الله شريف جو حج پڙهي آيو آهيان. مهمانيون کائي موڪلائي وري ڳوٺ آيس. هي ١٩٤٣ جو زمانو هو ان وقت اوچتو سکر وت براج کي ڪو گهارو پئجي ويو هو، جنهنڪري ڪيئي ڳوٺ ٻوڏ هيٺ اچي ويا هئا، ان ٻوڏ جي ستايلن جي سنڀالتا لاء اسان خاڪسارن کي حڪم مليو. پين خاڪسارن سان گڏ آئون به سکر روانو ٿي ويس– تي چار ڏينهن ماڻهن کي ڪاڏي پهچائڻ ۽ دوا درمل ڏيڻ ۾ صرف ڪياسين. وري اسان جي ڊيوٽي شڪارپور مقرر ڪئي ويئي، اسان سکر کان پيڙين تي چڙهي ۹ ڪلاڪ گذرڻ بعد مس مس اچي شڪارپور پهتاسون. ڏٺوسون ته جن رستن تان ٽانگا ۽ موٽرون هلنديون هيون آت پيڙيون ئي پيڙيون نظر اچي رهيون هيون–

مستري فيض محمد خاڪسار اسان کي قلعه ڪافلم سراء جي ڊيوٽي تي لڳايو. ١٥ ڏينهن شڪارپور ۾ خلمت خلق ڪندا رهياسين، ان بعد هرڪو پنهنجي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو، جڏهن ڏگهڙيء پرتس ته موتکي معلوم

ٿيو ته منهنجي وچڻ ڏانپوءِ منهنجي ماءُ کي ناٽڪ ڏنگ هنيو ۽ هوءَ ويچاري ان زهر جي وسيلي منهنجي جدائيءَ جو داغ دل ۾ کڻي دارالبقا ڏي راهي ٿي وئي. بچاڙيءَ وقت هڪ ٻئي جو منهن به نصيب نه ٿيو.

ان دکدائڪ اوچتي حادثي جي ڪري ڏاڍو ڏک ۽ افسوس ٿيم. پيءُ به مائٽ آهي ليڪن حقيقت جي ڪري اولاد لاءِ ماءُ جهڙو ڪوبه همدرد ۽ محبتدار مائٽ ڪونه آهي.

گهڻو وقت مغموم رهيس. ان بعد ڏاڏي وفات ڪئي وري ويجهڙائي ۾ چاچو به وفات ڪري ويو. چاچي کان پوءِ سگهو ويچاري پيءُ جا ٠٠-١٢ سالن جي همي سا راهه رب ڏي راهي ٿي.

غمن جا پهاڙ مون هڪ الهڙ ۽ اڻ آزمودگار جي سر تي ڪڙڪي پيا. بيو وري پائيچاري جي پٽن پوٽن، ٽيجهي، چاليهي - بارهي، تن ته هيڪاري مون مسڪين کي حيران ڪري ڇڏيو.

وڏو قرضي ٿي پيس جنهن منهنجي دلي جذبن ۽ امنگن کي اکرن وانگر چڻ ڦرهيءَ تان ميساري ڇڏيو.

١٩٤٠ع ۾ جهڙي طرف هڪ محسن دوست ميان امام علي خان وٽ روزگار جي تلاش ۾ ويس. هو صاحب به مون وانگر، آئيون چاڙهيون ڏت ڏهاڙي سومرا - جي مصداق مسڪين آهي. مگر سندس دل درياه آهي. هن صاحب مونکي پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چيو. هو بي خاڪسار آهي ڪجهه وقت سندس ڳوٺ ۾ رهي سندس

لکپڙهه جو ڪم ڪندو رهيس، ان بعد ديهه دڙيلي تعلقہ ساماري ۾ پنهنجي مقاطع تي موڪليائين. هنگوري خاصخيلي جي ڳوٺ رهي زمين جي سنڀال ڪندو رهيس. مگر جيل کان پوءِ منهنجي طبعيت اها بيجا رهي. آها گرمي، اها کنگهہ ۽ خارش - نيٺ بيمار ٿي پيس. ڪجهہ وقت جهڏي شهر ۾ ڊاڪٽرن جو علاج ڪرايم مگر فائدو ڪونہ ٿيو. پوءِ نيٺ تنگ ٿي وري پنهنجي گهر آيس - آتي بہ بيماريءَ نہ ڇڏيو آتان وري علاج لاءِ حيدرآباد ويس. ان وقت کنگهہ سان گڏ سنهون تپ بہ ايندو هوم. ڳچ ڏينهن قاضي محمد اڪبر مفت علاج ڪندو رهيو ۽ ماني بہ پنهنجي گهران ڪارائيندو هوم. هڪ ڏينهن مونکي چيائين تہ پلورسي ٿي وئي آهي اِن مان پاڻي ڪڍائڻو پوندو. ان بعد صدر جي ڊاڪٽر محمد اسماعيل علاج ڪيو. ڊاڪٽر ضياء الدين شيخ بہ ڪجهہ وقت علاج ڪيو. رهڻ لاءِ جاءِ ڪانہ هئي. جنهنڪري شاهہ مڪائي نزديڪ حسين منزل ۾ رهيس. ان کان پوءِ پاور هائوس جي ڀرِ ۾ مير علي احمد جي بنگلي تي رهڻ لڳس پر پنڌ پراهين هجڻ ڪري خاص فرحت يا آرام نصيب نہ ٿيو.

آخرڪار - ڊاڪٽرن مون کي مشورو ڏنو تہ آئون ڪنهن مٿانهين پهاڙي جاءِ تي ڪجهہ وقت وڃي رهان. ان کان سواءِ طبعيت ڪانہ سڌرندي. آئون غريب، هٿين خالي هوس. ان ڪري منهنجو اتي وڃڻ ناممڪن هو. اوچتو ڪنهن دوست صلاح ڏني تہ سنڌ جو خاڪسار

مجاهد رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي هنوقت مسوري پهاڙ تي ويل آهي. تون به اُتي وڃ اها خوشخبري ٻڌي بسترو گول ڪري ڪجهه ڏوائون ساڻ کڻي ٽڪيٽ وٺي گاڏي تي چڙهي مسوري روانو ٿيس. بيماري جي ڪري منهنجي حالت ابتر هئي پر همت نه هاريم سڌو ڏيرهه دون ويس. اتان گاڏي تان لهي لاري تي چڙهي مسوري پهتس. مسوري هندستان جي يوپي صوبي جو پهاڙ آهي. هنڪي عروس البحال به ڪري چوندا آهن. هي جبلن جي ڪنوار آهي.

گهڻي جدوجهد ۽ پڇا ڳاڇا بعد نيٺ رئيس غلام مصطفي خان پرڳڙي جي جاءِ تي پهتس. هو صاحب مونکي خوش خلقي سان مليو ۽ رهڻ لاءِ جاءِ ڏنائين بسترو مونوٽ موجود هو.

مسوري جي آب هوا جلد مونتي اهڙو اثر ڪيو جو جلد بخار ڇڏي ويم ۽ کنگهه گهٽجڻ لڳي ۽ بکه به گهڻي وڌي ويئي.

رئيس غلام مصطفيٰ تمام گهڻو پائيندو هوم ليڪن نوڪرن جي بي پرواهي ڪري بک مرڻ لڳس. نيٺ رئيس صاحب ڪان موڪل وٺي سنلس مدد سان راڊل هوٽل جي ڪمري ۾ رهڻ لڳس. ماني پنهنجي پاڻ ٺاهي کائڻ لڳس منهنجي طبعيت سڌرڻ لڳي دوستن کي امداد لاءِ خط لکيم. ڪيترا خاڪسار دوست به مليا. ان دور ۾ مولانا آزاد جو هڪ ڪتاب 'مسلمان اور ڪانگريس' مون خريد ڪري پڙهيو. جنهن ڪري

آئون مولانا جي طرز تحرير جو شيدائي ٿي پيس. پوءِ مون سندس تصنيفات جا گهڻا ڪتاب پڙهيا. ان کان اڳ مون کي علامہ مشرقي جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ لٽريچر پسند ڪونہ ايندو هو. ٿوري وقت ۾ ڪانگريس جو هڪ وڏو اجلاس آتي ٿيو سو ڏسڻ ۽ وڏن ليڊرن جو تقريرون ٻڌم. اتي مونکي بہ شوق ٿيو تہ آئون بہ تقرير ڪري سگهان. پوءِ تہ تقرير جي مشق ڪرڻ شروع ڪري ڏنم صبح سويل ناشتو تيار ڪري ڪاٺي ويندو هوس جهنگ ۾. آتي وڻن سامهون بيهي ڳالهائيندو هوس. اتي منهنجي طبعيت گهڻو سڌري ويئي جيترو بہ وقت مسوري ۾ رهيس رئيس غلام مصطفيٰ منهنجي مدد ڪندو رهيو. قدري دوست ۽ گهر وارا بہ امداد موڪليندا هئا.

سادا ٻي مهينا مسوري ۾ رهيس. منهنجي طاقت ۽ توانائيءَ ۾ بي حد اضافو ٿي ويو. ان بعد وري واپس سنڌ ۾ آيس.

هاري حقدار جي ڪاروبار جي شروعات:-

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد هارين جي حفاظت جو ڪم شروع ڪيم. هڪ ڳاڙهي جهنڊي هٿ ۾ ڪئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پيدل گهمڻ شروع ڪيم ۽ آهستي آهستي ڳوٺاڻن اڳيان تقريرون بہ ڪيم. ظالم زميندارن ۽ ڪامورا شاهي جي پيڙي خلاف آواز آٿاريم. انهي وقت جا ڪانگريسي ليڊر بہ واقف ٿي ويا.

هڪ اخبار 'مداءِ غريب' جي نالي سان ڪڍڻ لاءِ

درخواست ڪيم ۽ اجازت به ملي. مگر ضلع جي هڪ پراڻي اخبار نويس منهنجو اهو خيال لاهي ڇڏيو. ان ڏينهن ڪانگريس طرفان ڊگهڙيءَ ۾ وڏو ميڙ ٿيو. اُن ۾ مهاشيه هوت چند آسناڻي 'جڳ پارت' جي ايڊيٽر سان ملاقات ٿي. آهستي آهستي ڪم کي وڌائيندي اڳتي هلائيندو رهيس.

مراد علي مهر جنهنجي مدرسه ۾ مون تعليم ورتي هئي- سو هڪ ڏينهن مونکي مليو. منهنجي ڪم کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دعائون ڪرڻ لڳو ته خدا توکي صالح ڪري. رشوت خورن ۽ ظالم زميندارن کان ڪڏهين به نه ڏڄ ۽ همت سان اڳتي وڌندو رهه. آخرڪار هٿين خالي هجڻ سبب ڪاربان پنا وٺي پنهنجي هٿين اشتهار لکي ڀراڙي جي ڳوٺن ۾ مکيه جاين تي وڃي هڻندو هوس. جهنڊي سميت ڪم ڪندو ۽ هلندو رهيس. پيدل هلندي وٽن کي ماڻهو سمجهي جهر جهنگ ۾ تقريرون ڪندو هوس. جيئن مونکي ڳالهائڻ جو تجربو ٿئي.

١٩٤٥ع جي ڀچاڙي ۾ آئون لوڪلبورڊ جي اليڪشن ۾ اميدوار بيٺس. ڊگهڙيءَ تڪ سان مون وٽ ڊپازٽ جو پئسو ڪونه هو. سو گهر واريءَ جي نٿ هڪ سو روپين ۾ وڪڻي ڊپازٽ رکيم. اُن وقت ان ڪم ۾ خالصن بلگير سنگهه ۽ حسن سنگهه زميندارن ڏاڍي مدد ڪئي. ۽ نامينشن پيپر به انهن ڀري ڏنو. پيپر ڪا غلطي هئي رد ٿيڻ جو وڏو انديشو هو. ليڪن

هن همت ڪري سمورو ڪم سر انجام ڪرائي ورتو.
ان کان ٿورو اڳ حيدرآباد ۾ لنڊي جان محمد جي
هڪ پراڻي خاڪسار سان بحث مباحثو ٿيو. چيائين ته
اليڪشن ۾ رئيس غلام مصطفيٰ پرگڙي کي اسين پٽ
۾ ڪُٽائي ماريندا سون. اها ڳالهه مونکي پسند نه آئي.
مون کيس چيو ته جي تون بيهندين ته توکي آئون
غريب به پٽ ۾ ڪٽائي ماريندس. هي به انهيءَ تڪ
سان اميدوار هو. ورڪ چالو ٿيا هي مير ڪن سيدن،
پيرن کي منهنجي ڳوٺ غلام علي فقير ۾ وٺي آيو ان
لاءِ ته هو مونکي هٿ ڪٽائي. مون صفا نابري واري.
ان بعد منهنجي پيڙتي والد صاحب کي گهرايائون ۽
چيائونس ته اسين تو وٽ هلي آيا آهيون تون پنهنجي
پٽ کي سمجهاءِ ته اليڪشن ۾ نه بيهي. اسان هيترن
پيرن، وڏيرن، سيدن ۽ ميرن کي مان ڏي. جيڪي
خرچ جا پئسا اسان تي رکو سي به اسين ڏيڻ لاءِ تيار
آهيون. موقعو هٿان نه وڃايو. هڪڙو پٽ اٿو. اهو
پيرن، سيدن کان نه پڄايو. پير ڪارا نانگ آهن. انهنجي
ڏنگن کان پنهنجو پاڻ بچايو.

منهنجو پيءُ ويچارو مون وٽ آيو. چيائين ته بابا
پاڻ غريب آهيون هيترن وڏن ماڻهن جي منت پاڻ کي
مڃڻ گهرجي. لکياري لال ڪافي ڪرامت جا مالڪ
آهن. سائين جڙيل شاهه هلي آيو آهي. تون ان کي
عزت ڏي ۽ اليڪشن تان هٿ ڪڍ. مون پنهنجي پيءُ
کي سمجهايو ۽ چيو ته بابا هنن هيترا ڏينهن تنهنجو ڪو
سلام ڪيو؟ ڪڏهن ڪو توهان وٽ آيا؟ يا توهان کي ڪٿي

گهرايائون؟ اڄ تڏهن اوهان وٽ آيا آهن جڏهن مون غريبن ۾ سڄاڳي آندي آهي. پائين ٿا ته هي غلام محمد جو کيل کم اڄ هتي ختم ڪري ڇڏيون. آئينده به جي ڪو غريب سڄاڳ تي اٿيو ته انکي هي اهڙي طرح ختم ڪندا ايندا. بابا سائين آئون ڪڏهن به هٿ ڪونه ڪلندس. جي مري ويس يا هنن مونکي ڪنهن قندي ۾ ڦاسائي جيل حوالي ڪيو ته ڪابه پرواه ڪانه آهي. جيل ڏسي چڪو آهيان. خير هو ماٺ ڪري ويهي رهيو. ۽ هي مير، پير سڀ واپس موٽيا. ان ڳالهه ٻڌڻ تي ڪيترن باهمت ۽ بلوقار ماڻهن مونکي مبارڪون موڪليون ۽ صدها آفرينون چيون ۽ ڪي پيرن جا دلال ته منهنجي مخالفت ۾ ڪمرڪشي ٻيهي رهيا.

اليڪشن جي پوين ٽن ڏينهن ۾ منهنجي مدد لاءِ غازي - اير - عبدالجبار خاڪسار به آيو. پر ڳوڙي غلام مصطفي هڪ موٽر ۽ لائوڊ اسپيڪر به ڏياري موڪليو- آخر اليڪشن تي. آئون ڪريس. جنهن مير صاحب کي ڪاميابي تي وڏو غرور هو آهو مير فتح خان به ڪريو ۽ چوڌري غلام حسين ڪامياب ٿيو.

ان کان پوءِ صوبائي اسيمبلي جي اليڪشن تي ان ۾ آئون اميدوار بيٺس. اها ڇئن تعلقن جي اليڪشن هئي. جتان هڪ اميدوار چونڊٻو هو. اهي چار تعلقه ڏ ڪهڙي، جيمس آباد، ميرپور خاص ۽ سامارو هئا. هر بالغ کي ووٽ جو حق به ڪونه هو. تنهن هوندي به سڄي ضلعي اندر شهرن ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ اشتهارن ۽

تقريرن جي وسيلي وچي مون جيڪا پروپيگنڊه ڪئي هئي تنهن چڱو اثر ڪيو. ان اليڪشن ۾ ڊپازٽ جي رقم ادائي ڪئي ٿي ٽو روپيه رئيس محمد هاشم خان لغاري ڳوٺ آهري تعلقه جيمس آباد جي ڏنا. هو صاحب هر وقت مون سان برادرانه سلوڪ ڪندو رهيو ۽ ڪندو رهي ٿو. هو پاڻ به اخلاقن پريو ۽ شريف انسان آهي. سندس ڀاءُ مرحوم لال خان به جوان هو جنهن جي مونسان ڏاڍي دل هوندي هئي. ان جي اوچتي وفات جي ڪري رئيس محمد هاشم کي ڏاڍو صدمو رسيو. هن جي ڀاءُ لعل خان سان اهڙي دل هئي جو گهڻو ڪري ماني به گڏ کائيندا هئا. مونکي به پنهنجي ڀاءُ جو دوست سمجهي سدائين منهنجي مدد ڪندو رهندو آهي.

پيپر ڀرائڻ بعد اليڪشن جي ڪم ڪي لڳي ويس. ان وقت ۾ ميرپور خاص ۾ منهنجي واقفيت مير محمد ٽالپور سان ٿي جو ان وقت هاري ڪارڪن هو. هن وري پنهنجي معرفت ٻين ڪيترن هاري ڪارڪنن جمال الدين بخاري، سامي انگن ديو، ڪامريڊ عبدالقادر، جان محمد پلي، مسٽر بنا رام وڪيل سکر، ڊاڪٽر پوچراج ۽ ٻين سان ملاقات ڪرائي. جو هي سڀ رامجي ڪولهي جي ورڪ ۾ ايندا هئا. اتي مونکي هاري ڪميٽي جي اصولن جي پوري خبر پيئي. انوقت مونکي ڏاڙهي رکيل هوندي هئي ۽ منهنجي خيالن جي ڪري انهن هاري ليڊرن منهنجي مدد ته ڪانه ڪئي پر سخت مخالفت به ڪئي ۽ ماڻهن کي هيئن چوڻ لڳا ته هي

هاري ڪاميٽي جو نمائندو ڪونه آهي. مون هنن کي سمجهايو ته بابا! آئون سڀئون سچاتو. هاري. ۽ هاريءَ جو پٽ پڙهيونو آهيان، توهان منهنجي مدد ڪريو. ليڪن منهنجي هاري ڪاميٽي جي ميمبري نه هجڻ سبب هنن قانوني طور منهنجي مدد نه ڪئي.

مون خاڪساري ڪان ته اڳ استيفعا ڏيئي ڇڏي هئي ڇاڪاڻ ته علامه مشرقيءَ جي ڦرندڙ گهرندڙ پاليسي جي آئون سخت مخالف هوس. مون تي ڪيترا خاڪسار دوست ناراض به ٿيا. خاص ڪري منهنجو عزدلعزيز ياءُ

دوست محمد حسين لغاري بلوچ جو آنهي وقت خاڪساري جي ٽئين درجي جي حرض ۾ مبتلا هو. آهو ته علامه جي پاليسين جي خلافيت جي ڪري مون تي سخت ڪاوڙيو. ايتري قدر جو ڇري ڪڍي منهنجي مارڻ لئي تيار ٿي ويو. مگر مون ڪيس ڇيو ته ڀائو، تون مون ڪان چار سال پوئتي آهين. آئون جيڪا ڳالهه ڇوان ٿو سا چئن سالن ڪان پوءِ ازخود تون به قبول ڪندين. چئن سالن ڪان پوءِ خاڪسار تحريڪ ڪان هن به استيفعا ڏني. هاڻي مڃي ٿو ته برابر تنهنجي ڳالهه سچي هئي.

اِن صوبائي اليڪشن ۾ مون تي تمام گهڻي سٽ-ستاءِ ٿي، ڇاڪاڻ ته مقابلي ۾ امام بخش خان ٽالپور ۽ رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرگڙي هئا.

ان مقابلي ۾ الله جي مهرباني سان غلام مصطفيٰ ڀرگڙي چڙهيو، آئون هڪ غريب هاري پونو هوس. ان

هوندي ته مونکي ووٽ ملياه ۽ مونکي ٿه غريب فرقي کي اهو ڪافي تجربو ٿيو ته غريب ٻه چونڊون لڙي سگهي ٿو.

ان کان پوءِ مون باقاعده هاري ڪاميٽي ۾ شرڪت ڪئي، ان وقت صدر ڪامريڊ عبدالقادر هو ۽ مرحوم جان محمد عبدالحليم پلي جنرل سيڪريٽري هو. تن ڏينهن ميرپور خاص ۾ هاري ڪاميٽي جو جلسو ٿيو. ڪامريڊ چجو رام. جيڪو نهايت انقلابي ڪارڪن هو، تنهن تمام سرجوشيءَ سان ڪم ڪيو.

سال ١٩٤٩ع ۾ آل انڊيا ريلوي مزدورن جي هڙتال ٿي، انهيءَ ۾ به رفيق مير محمد ٽالپور ۽ چجو رام خوب بهرو وٺي اسٽرائيڪ کي ڪامياب بنايو هو.

هن کان ڪجهه سال اڳ سرهاڙيءَ ۾ ساليانو هاري ڪانفرنس ٿي. اتي اسان پراڻن هاري ليڊرن جي سخت مخالفت ۾ نوجوانن کي منظم ڪريو جي تحريڪ هلائي رفيق حيدربخش جتوئي جي صدارت جي رٽ ڏني سون. مگر هو صاحب اميدوار نه بيٺو. نيٺ اسان ڪامريڊ مير محمد ۽ ڪامريڊ عبدالقادر جي مخالفت ڪئي. رفيق مير محمد صدارت جو اميدوار بيٺو مگر ڪامياب نه ٿيو. انهيءَ سرهاڙي ڪانفرنس ۾ اڌ بٽئي جي تحرڪ شروع ڪئي ويئي. ۽ اهو نهراءُ بحال ٿيو.

ان سال مون کي جيمس آباد جي شهر ۾ هارين جي چونڊ ۾ ٢٤ ايڪڙ زمين هاريپ شرط تي ملي، اهو هارين جي زمين جي وراهيست جو ڪم چوڌري نظير احمد

روينيو ڪمشنر جي حوالي هو. هارين جي چونڊ
ڪرائي هٿائين منهنجي ۽ هارين جي زمين ڏيارڻ لاءِ
ڪامريڊ عبدالقادر ڪوشش ڪئي، آئون آهو سڄو وقت
هارين جو ڪم ڪندو رهيس. پڇاڙيءَ جو مون کان
ڪامريڊ عبدالقادر پڇيو ته توکي زمين آهي. مون چيو
ته مون کي زمين جو هڪ ايڪڙ به ڪونه آهي. ان
تي مسٽر نظير احمد کي چيائين ته هي اسان جو هاري
ڪارڪن آهي ڪيس زمين ڪانه آهي. هي هتي سمورو
وقت هارين جو ڪم ڪندو رهيو آهي هن کي به زمين
ڏيو. هُن مونکي دلاسو ڏنو ته تون زمين گهرڻ لاءِ هٿ
ڪري مون وٽ اچج ته آئون توکي زمين ڏيان.
عمرڪوٽ تعلقي جي ديهه باراني ۾ مون زمين هٿ
ڪئي جتي اسان جي ڳوٺ جي پين هارين کي به زمين
ملي هئي، ۽ آئون نبيسر روڊ اسٽيشن تي رهڻ لڳس. اتي
مون هاري آفيس به قائم ڪئي. رفيق مير محمد ۽
جان محمد پلي به ڪڏهن مون وٽ ايندا ويندا
هئا- اتي نبيسر روڊ تي مون هڪ هاري ڪانفرنس
به ڪئي اتي قادياني اسٽيٽ ۽ بيني سر اسٽيٽ ۾ اڌواڌ
بٽئي جي تحريڪ شروع ڪيم. ٽالهيءَ نزديڪ قادياني
اسٽيٽ جا هاري آيا جن جي بٽئي روڪي ويئي هئي.
هنن ڊپٽي ڪليڪٽر نئرا وائلي وٽ فرياد ڪيو ته هو
اسان کي نه اڌ بٽئي ٿا ڏين، نه وري ڪو حساب ڪتاب
ٿا ڪن. ان وچ ۾ هارين زميندارن جون گڏيل ڪانفرنسون
به ٿينديون هيون، جنهن ۾ هارين شاهديون ڏنيون هيون

۾ زميندارن جا هي، هي ظلم آهن، وغيره.

اهي بيان رفيق حيدر بخش جتوئي جي هڪ ڪتاب ۾ شايع ٿي چڪا آهن. اها اڌ بٽئي جي تحريڪ نوابشاه ضلع ۾ به زور شور سان چالو هئي، ڇو ته اُتي جا هاري به نهايت همت وارا ۽ بهادر سجاڳ هئا. تنهن ڪانسواءِ اُتي بروهي بلوچ ۽ ٻيا جوشيلا جوان ڪم ڪندڙ هئا. ڊاڪٽر هاسارام، رئيس بروهي، ڪالا جو بروهي جو هاڻي شهيد ٿي ويو آهي تن نهايت جان فشاني سان ڪم ڪيو. وڏي ڳالهه هي هئي جو انهيءَ ايراضيءَ ۾ گهڻيون زمينون هندن جون هيون، ۽ مسعود جهڙي هاري همدرد ڪليڪٽر جي اياڪاريءَ ۾ هارين کي ڏاڍو فائدو پهتو هو. ڪليڪٽر مسعود هارين جو ڀهي خواهه ۽ هر دلعزيز هو. جنهن ڪري هن جي اياڪاري ۾ هن جي ضلعي ۾ اڌ بٽئي جو رواج جلدي چالو ٿي ويو.

اُن کي ڏسي پوءِ ٻين وارن حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ به اهو رواج چالو ٿيڻ لڳو. قادياني اسٽيٽ ۾ ڪن هارين جا ڪرا روڪيل هئا، جن اڌ بٽئي ڪان وڌيڪ اَن ڪڍي نٿي ڏنو. نيٺ ڊپٽي ڪليڪٽر امين مقرر ڪيا. هارين طرفان رفيق جان محمد پلي ۽ زميندارن طرفان چوڌري غلام محمد امين هو.

فيصلي جي تاريخ تي اسين هڪ رات اڳ اتي پهتاسون. ٽالهي اسٽيشن کان ٤ ميل پري ڪرو هو اُت هارين جي گهرن ۾ اسين لٿاسون. قاديانين مئنيجر اسماعيل خالد اسان جي مارائڻ لاءِ اُتي آيو ۽ هارين کي تمام گهڻو

ڌاڙيائين. تنهن ۾ ليمون ڀيل، ولي محمد لاشاري ۽ ڀيا جوانمرد لنيون ڪئي آيا ڇيائونس ته جي هاري ڪارڪنن جو نالو ونندؤ ته اسين اوهان سان وڙهنداسون. ان تي هو واپس موٽيا. ۽ فيصلي تي صبح جو هو نه آيا اسين وري واپس موٽياسون. رفيق جان محمد مرحوم ۽ صبح واري گاڏي ۾ آيو تاهي کان پيدل نبي سر روڊ روانا ٿياسون ۽ اچي ميرپورخاص ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر کي خبر ڏنيسون. ٻئي ڏينهن جهڏي شهر ۾ اسان جي هاري ڪانفرنس هئي. آتي سڄي سنڌ جا هاري اڳواڻ آيل هئا. تاهي کان قادياني اسٽيٽ جا هاري ۽ ڪافي انداز ۾ اچي شريڪ ٿيا. سندن ڪرڻ تي پوپان فقط ڀدا ۽ ٻار موجود هئا. قاديانين موقعي جو فائدو وٺي زوري ڪڻڪ ڪٽڻ تي چاهي. ان ڪري تي فقط مائي بختاور ۽ سندس ڀڏڙو خاوند موجود هئا. تن هنڪي منع ڪئي ته اسين ٻٽئي ڪرڻ يا ڪڻڪ ڪٽڻ ڪونه ڏينداسون. هي ويچارا ڪانتي ڪي جهلي بيهي رهيا. ان تي جهيڙو ٿي پيو قادياني زميندارن گولي بازي ڪئي. جنهن ۾ هڪ هارياڻي مائي بختاور شهيد ٿي وئي. ولي محمد، پليو ۽ ٻيا هاري سخت زخمي ٿيا. اسين جيئن رات واري گاڏيءَ ۾ جهڏي کان موٽياسون تيئن اسان سان تاهي اسٽيشن تي اها خبر هلندڙ گاڏيءَ ۾ هارين ڪئي. ڪنري ۾ فرياد ڪيو هئائون. اسين وري آڌي واري گاڏيءَ ۾ نبي سر روڊ تان تاهي واپس

آياسون، صبوح سوير جاءِ واردات تي پهتاسون رفيق بجتوئي بہ آيو. پوليس جو جمعدار نور محمد قريشي سر زمين جو مشير نامو وغيره ٿاهيو. ڪيس ڪورٽ ۾ هليو. قاديانين ۾ ڪائونٽر ڪيس ڪيو جنهن ۾ ڪي هاري جيل ۾ وڌا ويا. آخر سيشن جج شنڪر سنگهه ڪورٽ ميرپور خاص هارين کي آزاد ڪيو. ۽ قادياني زميندارن کي سزا ڪيائين انهيءَ ڪيس جي پيروي ۾ آئون گهڻو آيس ويس. هارين جي طرفان وڪيل مسٽر بنارام وڪالت ڪئي، سرڪار طرفان جناب مرزا سڪندر بيگ وڪيل هو.

۱۹۴۷ع واري اليڪشن تي، ان ڪان پوءِ آئون باقاعده نبي سر روڊ تي رهڻ لڳس. پاڪستان آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ قائم ٿيو هندو ڀڄڻ لڳا. نبي سر روڊ تي گهور گهاٽ ٿاهي پار ڀڄا بہ ات وٺي آيس. اهي ۲۴ ايڪڙ مليل متا ڪري مون نبي سر روڊ تي ورتا. آبادي ڪرايم، ريزڪي دڪان بہ کولايم. هندن جي وڃڻ ڪري شهر خالي ٿي ويو ماڻهن جاين ڍاهي ڪاٺيون پٽڻ شروع ڪيون سو انهن جاين کي بہ بچايم. هڪ ماندلي پيڙهين جي بہ ڪڍيم. غريب هارين جي محبت جو جذبو جو منهنجي دل ۾ هو ان ڪري ويچارا هاري بہ مون تان ساهہ پساهہ قربان ڪرڻ لڳا.

وري مهاجرن جي اچ اچان ۾ بہ مانُ ڪري ڪونہ ويٺس. غريبن کي آباد ڪرڻ ۽ هنن کي گهرجون جايون

ونـي ڏيـڻ ۽ ســپ ڪنهن قسم جي امداد ڪـي لڳو
ڪري دڪانن جو ڪاروبار ختم ٿيڻ لڳو پر مون
پنهنجي همت نه هاري. سنڌ جو گورنر شيخ غلام حسين
هڪ ڏينهن لوپ لائين ريل رستي دوري تي آيو هو.
انهيءَ وقت نبي سر روڊ جي اسٽيشن تي هارين کي گڏ
ڪري سنڌي هارين طرفان عرض ڪيو هوم. ته ســکن
۽ هندو زميندارن جا هاري سنڌي هٿا هاڻي انهن کي
برطرف ڪيو پيو وڃي. ويچارا سنڌي هاري ڪيڏانهن وڃن.
جتي هاري نه آهن اهي زمينون پلي مهاجرن کي ڏنيون
وڃن. باقي جي اڳ لوڪل هاري آباد ڪيا ويٺا آهن
تن کان اهي زمينون کسيون نه وڃن. جو محصول
وغيره مقرر ڪيو وڃي سو انهن کان ورتو وڃي. اها
ڳالهه موصوف صاحب کي معقول ڏسڻ ۾ آئي. بر وقت
هن سيڪريٽري کي لکايو. ۽ وڃڻ شرط سنڌي هارين
کي به زمين الاٽ ڪرڻ جو آرڊر ڪيائين. اهڙي طرح
جيئن ڪو به ڪم پبلڪ ورڪ جو هوندو هو ته ڪندو
رهندو هوس. رفيق مير محمد ٽالپر سونکي ميرپور ۾
مليو تنهنکي به نبي سر روڊ تي وني آيس پنهنجو دڪان
ان جي حوالي ڪيم. هي حڪمت جو ڪم ڪرڻ
لڳو. پر، ته ٻارهن- جي مثال وانگر رفيق مير محمد جي
رفاقت منهنجي دل کي اهڙي تقويت بخشي جو اسان
جي چوياري ڏسي غلام حيدر به ات رهڻ لڳو ان کان پوءِ
چاچو علي محمد آرائين- غلام محمد ننڍو- علي نواز

۽ پيا ساڻي ٻه اچي گڏ ٿيا. نبي سر روڊ تي هنن ريزڪي
جو ڪاروبار ۽ سنڊيڪٽ شروع ڪئي. آئون وري
ڪجهه وقت لاءِ پبلڪ ورڪ ڪي لڳي ويس. شهر جي
سڄي چيڙي نبيري منهنجي هٿ ۾ هئي. جا ڳالهه
هتان جي چوڌري غلام محمد جي پارٽي کي پسند نه
آئي. تن هڪ معمولي ڳالهه تان مونتي ڪيس ڪرايو.
جنهن لاءِ ڪنري جي صوبيدار مونکي رمضان ۽ جمن
چانڊيئي جي گهر گهرايو. اسين جڏهن اسٽيشن تي
پهتاسون ته صوبيدار مسٽر سعيد علوي نبي سر روڊ جي
ويٽنگ روم ۾ ويٺو هو سو اسان تي ڏاڍو گرم ٿيو
لڳو ۽ چيائين ته مان توهان کي جيل ۾ رکندس.
اهي صلاحون هن کي سردار عبدالرحمان قادياني ۽ چوڌري
غلام محمد جي پارٽي وارن ڏنيون هيون. مون ڪيس
جواب ڏنو ته توهان تحقيقات ڪريو. ذري، ذري تي
جيل جو ڊپ نه ڏياريو، اسين ڪنواريون ڇوڪريون
ڪونه آهيون جو جيل پر ڊڄنداسون تنهنتي مٿيون
صوبيدار ڪاوڙجي روانو ٿي ويو. ٻئي ڏينهن حيدرآباد
۾ ورڪنگ ڪاميٽي جي ميٽنگ هئي. آئون ات آيس
۽ سڄي حقيقت ڪاميٽي ۾ پيش ڪيم. سڀني رفيقن
ٻڪراءِ تي فيصلو ڏنو ته صبحائي آئون ۽ رفيق جتوئي
ضلع ترپارڪر جي ايس - پي کي ملون ان وقت ايس - پي
مسٽر برار رسٽن هو. تنهن سان مليا سون. ۽ جا به حقيقت
هئي سا سڀ مون درخواست ۾ لکي صاحب کي ڏني.

هن صاحب بروقت ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي موڪلي ڏني.

رفيق جتوئي حيدرآباد روانو ٿيو ۽ آئون ڪوٽ هليو آيس، وات ۾ گاڏيءَ تي پٿوري استيشن تي صوبيدار جو فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ ويٺل هو تنهن هڪ پوليس واري کي مونکي سڏڻ لاءِ موڪليو. مون وٽ هڪ ڪتاب هو زميندار شاهي عرف ڪمدار جا ڪارناما. مون کي ڏٺائي چوڻ لڳو ته توهان بغاوتي ماڻهو آهيو، توکي مان جيل ۾ رکندس. تون ريلوي جي حد ۾ ڪتاب وڪڻي رهيو آهين. مون چيس ته آئون وڪڻان ڪونه ٿو، پر جي ڪٿي وڪڻان ته ان ۾ تنهنجو ڇا؟ ۽ توکي اهڙين ڳالهين ڪرڻ ۽ پڇڻ جو ڪهڙو حق آهي. ريلوي پوليس جو عملو بيٺو آهي اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. ائين چئي مون کي چيائين ته هل استيشن ماستر وٽ ته هو توکي ڪيئن ٿو پڪڙي جيل حوالي ڪري. لهي آيا سون استيشن ماستر وٽ. صوبيدار هن کي چيو ته هي اعتراض جوڳا ڪتاب ريلوي حد ۾ ٿو وڪڻي هن کي گرفتار ڪريو. مون بابوءَ کي چيو ته هن جي مون سان پراڻي دشمني آهي ان جي ڪري منهنجي ڏوهائي لاءِ اوهان کي ٿو چوي. باقي منهنجو ڪوبه قصور ڪونه آهي.

استيشن ماستر ته مون کي ڇڏي ڏنو، وري مونکي چوڻ لڳو ته آئون توکي گرفتار ڪندس، ٽن ڏينهن اندر. تون خبردار رهه. مون به کيس سٺيون سُڻايون.

گاڏي هلڻ کان اڳ مون شاهدن جا نالا نوٽ ڪيا ۽ ٽڪيٽ نمبر به نوٽ ڪيا. اسين ساماري روڊ تان لهي پيادو ساماري شهر پهتس اتان وري سڌو حيدرآباد ويس. سچي حقيقت پنهنجن دوستن ۽ هاري ڪاميٽي جي صدر رفيق جتوئي کي ٻڌايم. هڪ درخواست جيڪا ڊپٽي ڪمشنر، ڪليڪٽر جي نالي هئي، سا ڪٺي گاڏيءَ تي چڙهي ٽنڊي سر روڊ پهتس. منهنجو خيال هو ته ڳوٺان ٽي خبر چار وٺي پوءِ عمرڪوٽ ۾ ڪليڪٽر کي وڃي درخواست پيش ڪريان جو ان ڏينهن ڪليڪٽر جي منزل عمرڪوٽ هئي.

ڳوٺ اچڻ تي خبر پيئي ته آهو صوبيدار هڪ ڏينهن اڳ هت آيو هو. خانصاحب چوڌري غلام محمد جي منشي عبدالله پنجابي کي فريادي بنائي هڪ ڏاڙهي جو ڪوڙو فرياد ناهي، مشيرنامان وغيره ڪوڙا لکي هليو ويو آهي.

اها خبر پئي آئون صبح واري لاريءَ ۾ عمرڪوٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ لاري ۾ چڙهي ڪري پهتس ته صوبيدار به ڪن شاهدن کي وٺي پيو هلي عمرڪوٽ ۾ لاريءَ ۾ سوار ٿي ويهي رهيو. آئون اڳين سيٽ تي ويٺو هوس، لاري عمرڪوٽ پهتي مون ڪليڪٽر جي پڇا ڪئي، معلوم ٿيو ته هو فرش طرف شڪار تي ويل آهي. آئون شهر جي ٻن ٽن دوستن سان ملي مختيارڪار وٽ ويس جو اتي جي هارين جو ڪم هو.

آئون آفيس جي ٻاهران بيٺس ته اندران سعيد علوي صوبيدار نڪتو ۽ هڪدم مونکي چيائين ته تون گرفتار آهين. هن اتيئي مشير نامون ڻاهيو ۽ اها درخواست ۽ ٻيا ڪاغذ منهنجي کيسي ۾ رهيا. عمرڪوٽ جي قلعي کان هيٺ لٿس ته مرحوم جان محمد پلي مونکي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ سڏ ڪيو. مون کيس اشاري سان چيو ته آئون گرفتار آهيان. اچي نٿو سگهان تنهن تي هو مون وٽ آيو ۽ صوبيدار کي چيائين ضامن وٺ ۽ هن کي آزاد ڪر مگر صوبيدار جواب ڏنو ته هي ڌاڙي جي ڪيس ۾ جهليل آهي ۽ آئون هن جو ضامن نه وٺندس. مون رفيق جان محمد کي چيو ته توهان هن کي ڪجهه نه نه چئو ۽ رفيق جتوئي کي تار رستي هينئر ئي اطلاع ڪريو. جو هن کي هن سڄي ڪيس جي معلوميت آهي. آئون هن سان گڏجي هليس هي هڪ جمعدار جي گهر ويو اتان ساني ڪاٺي لاريءَ ۾ واپس ڪنري پهتاسون. ڪنريءَ ۾ هن مونکي هٿڪڙيون لڳائي سڄي شهر جو سرگس گهمايو. گهڻي دير بعد لاڪپ ۾ بند ڪيائين.

شام جي وقت لاڪپ تي بيٺل پوليس کي چيائين ته دروازو کوليو ته آئون هن تي پنهنجا هٿ ڻاريان. ان تي سپاهين چيو ته ٻڌل قيدي کي مارڻو نه آهي اسان کي لکيل آرڊر ڏيو ته پوءِ قيدي توهان جي حوالي ڪريون. آخرڪار صوبيدار روانو ٿي ويو. صبوح

جو هن لاري ۾ مونکي عمرڪوٽ موڪليو ۽ منهنجو ريمانڊ هفتي جو ٿرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ ڪان ورتو ويو. عمرڪوٽ ۾ بند ڪيو ويو. رفيق حيدر بخش کي سچي قصي جي خبر هئي. هي صاحب ڪراچي ويو. انهيءَ وقت سنڌ جو وزير اعظم يوسف هارون هو. انهيءَ کي ملي سچي حقيقت ڪري آزادي جي تار ڪرائي. ۽ ڪيس جا ڪاغذ سرڪار پاڻ وٽ گهرايا. هتو هٿ آرڊر وٺي پاڻ عمر ڪوٽ پهتو. تار رستي آرڊر اڳ ۾ اُت پهچي چڪو هو. آئون آزاد ٿيس. جتوئي صاحب ۽ اسين سڀ دوست گڏجي نبي سر روڊ پهتاسون. رات جو خوب خوشيون ڪيوسين. آخرڪار ڪيس جا ڪاغذ جاچي اسان کي آزاد ڪيو ويو ۽ صوبيدار سسپينڊ ٿيو. فريادي تي ڪوڙي فرياد ڪرڻ جي ڪاروائي ٿي. هو به ڪيترو وقت ڪيس ۾ گهليو رهيو آئون هاري تحريڪ جي ڪم کي لڳو رهيس. رفيق مير محمد نبي سر روڊ رهندو هو. آئون خانه بدوش، گلي، گلي واهڻ ۽ ڳوٺن ۾ ڀٽڪندو هوس.

ميلي جي شروعات:-

انهن ڏينهن ۾ نبي سر روڊ جي حالت خراب هئي. شهر ويران ٿي ويو هو. ماڻهن جي آمدرفت تمام گهٽجي ويئي هئي.

شهر کي رونق وٺائڻ لاءِ هڪ ملاکڙي جو پروگرام ٺاهيو ويو. جنهن لاءِ شهر جي هوٽل وارن ۽ دڪاندارن

ڪجهه رقم گڏ ڪئي، جا ملهن کي انعام طور ڏني ويندي هئي. ملاکڙي جي ڪري دڪاندارن کي واپار سان فائدو ٿيندو هو ۽ سونکي محبن جي ميلاپ ۽ ماڻهن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. وڏي ڳالهه جو تقرير ڪرڻ لاءِ موزون وقت ميسر ٿي ويندو هو. اهڙيون رٿون رٿڻ کان پوءِ راضي شاهه جي ميلي تي وچي تقريرون ڪرڻ لڳس. آخرڪار هن ارادي تي پهتس ته ڇو نه نبي سر روڊ تي پنهنجو ميلو لڳائجي سو ڪٺي نبي سر روڊ لڳي ميلي جو پڙهو ڏياريم بيندن باجن سان دڪاندار جو ميلي جو پڙهو پڌو. تن مونکان ڏس پتو پڇيو. سون خيال ڪيو ته ڪير به ڪونه ايندو. ليڪن خلاف توقع ميلي جي ڏهاڙي کان ٣، ۴ ڏينهن اڳ سامان جون گاڏيون اچڻ شروع ٿي ويون. ڪيچ دڪان به لڳي ويا. سنگت سات به جام اچي ويئي. هاري ڪانفرنس به ڪئي سون. ٣ ڏينهن ساندهه گيا گيهه لڳي پئي هئي. اهڙي ريت ميلو مشهور ٿيندو ويو. هينئر هر ڇهين مهيني ميلو لڳي ٿو. جيتوڻيڪ ڪي ڳالهيون منهنجي پسند جي خلاف به ٿي وڃن ٿيون. جيستائين ساري سماج مان اهي ڳالهيون نه نڪتيون آهن تيستائين انهن تي سختي سان عمل ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي. برائين کان ڇگيون ڳالهيون وڌيڪ ٿين ٿيون. هزارها ماڻهن سان ميل ميلاپ ٿئي ٿي، ۽ تقريرون بہ ٿين ٿيون. انهيءَ کان پوءِ قنمبر

تنهن کان اليڪشن ۾ حيدربخش جتوئي اميدوار بيٺو. سندس مخالفت ۾ نواب غيبي خان جو پوٽو سلطان احمد اميدوار هو. اسين به سڀ ورڪ لاءِ اتي وياسون. منهنجي ڊيوٽي پروپيگنڊا جي هئي. قنبر شهر ۾ اٽڪل ١٠-١٦ ڏينهن رهياسون ۽ اليڪشن جي خوب پروپيگنڊا ڪئي سون.

هڪ ڏينهن قاضي فضل الله ۽ مسٽر کهڙي جو جلسو هو صبح سان وڏيرن ڪمدارن جي معرفت جلسي جي ميدان تي ڪيئين هاري اچي ڪٺا ڪيا ۽ ڪمدار پهرو ڏيئي هنن کان ڪم وٺي رهيا هئا. ماڻهن کي ان ڪري قيد ڪري ويهاريائون ته جيئن قاضي فضل الله ۽ کهڙو اچي تقرير ڪن. هاري ويچارا بڪ ۾ پاهه تي شهر جا ڀڳڙا به مهانگا ڪري چڙيا. شام جو ٻئي صاحب پڌاريا ۽ تقريرون ڪري ماڻهن کي سمجهايائون ته حيدربخش جتوئي کي ووٽ نه ڏجو. ۽ پنهنجو ووٽ سلطان احمد چانڊئي کي ڪجو. جلسو ختم ٿيو خلق واپس موٽي ته آئون هڪ ديوار تي چڙهي بيٺس ۽ هارين کي چيم ته ويهو، مهرباني ڪري منهنجا به هي ٢-٣ اکر ٻڌو- هو ويچارا منهنجي چوڻ تي سڀ ويهي رهيا مون زبردست مخالف تقرير ڪئي، جنهن ۾ کهڙي ۽ قاضي تي سخت نڪته چيني هئي سا ماڻهن کي ڏاڍي وڻي ۽ دل سان ٻڌندا رهيا. قاضي ۽ کهڙي کي آن رستي کان سواءِ ٻيو ڪو به لنگهه ڪونه هو. سي به مجبور ٿي ويهي آها تقرير ٻڌندا رهيا. تن کي سخت خار

آيو. بي ٽي ڏينهن اليڪشن هئي. مونکي، خيرپور جي خان بهادر غلام محمد خان اسراڻ جي پولنگ اسٽيشن تي موڪليو ويو. پيو هڪ جتوئي جو عزيز به هو. اسين خيرپور لڳ مغيرين جي ڳوٺ ۾ وڃي ترسياسون. شام جو اسين پولنگ ڏسڻ لاءِ وياسون، پولنگ جي جاءِ ڏسڻ بعد مرحوم علي خان ابڙي جي جاءِ تي وياسين مرحوم عليخان سان ملاقات ڪئي سون. هي مشهور عالم، فاضل ۽ اهل قلم سنڌ جو پراڻو گريجوئيٽ هو. هن صاحب کي خاڪسارن سان به انس هو. سدائين سنڌ جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهندو هو. اسين ڪجهه وقت ورس ويٺاسون ته اسراڻن جا نوڪر اسان کي گاريون ڏيندا رهيا ۽ مرحوم کي گهٽ وڌ ڳالهايائون. اسين جيئن اُتان اُٿياسون ته علي حسن آسراڻ جا ماڻهو اسان جي پٺيان ڪاهي پيا. اسين رهائش واري جاءِ تي پهتاسون. متان اچي سج لٿو، منهن انڌارو ٿيو ته هڪ پوڙهو آيو جنهن اسان جي هيٺان وڇايل بستري کي ڇڪيو، چيائين بابا اسين غريب آهيون، رئيس اسراڻ حڪم ڪيو آهي ته هنن کي هتان لوڏي ڪڍو. نه ته اوهان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائي جهلائيندا سون. اسين ٻڌون تا خدا جي واسطي هتان هڪدم اٿو. اسان چيس ته ڪاڪا، هيتر رات جو اسين ڪاڏي وڃون، هن چيو ته جاڏي کپيو تاڏي وڃون، پر مهرباني ڪري هتان اٿو. لاچار هتان ته نڪتاسين. پرديس، اڻ واقف، تنهن

ڪانسواءِ رئيس امراڻ جا موڪليل غنڊا اسان کي گهوليندا وتن. نيٺ ٻاهر اچي جهنگ جي ڪرڙن ۾ لڪي ويهي رهياسون. رئيس جا ماڻهو گهولي، گهولي نااميد ٿي واپس موٽيا. اسان ڪجهه وقت ترسي وري پنڌ پيا هون ڪندا، چيندا ڪجين جي وڻن جا پاما وٺندا قنبر شهر جي ڪچي رستي تي پهتاسون. سڄي رات اونداهي ۾ ڌڪا کائي، اٽڪل ٢-٣ بجي قنبر پهتاسون. اسان جي پهچڻ کان ٻوء پيارو جتوئي صاحب اسان وٽ اچي پهتو. سندس موٽر جا ٽائر ڪپيا ويا. ڊرائيور هزارين ميڙون منٿون ڪيون پر هو ڪونه مڙيا. هن لاڙڪاڻي ۾ اها سموري حقيقت جتوئيءَ جي سوٽ هادي بخش کي ٻڌائي. ڌنهن راتو واهه لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر ۽ ايس. پي. کي ٻڌايو ته حيدر بخش کي چانڊين ماري ڇڏيو آهي، ليڪن جتوئي الله جي فضل سان سلامت اچي پهتو هو. ان بعد ٻين پولنگن جا ورڪر پهتا، واڇون، جتيون ڦرائي ابتر حال سان اچي مرڪز پيڙا ٿيا. اسور جو ڪليڪٽر مسٽر سچيڏنو ۽ علي محمد گاڏهي، ايس. پي سڌو قنبر آيا ۽ اچي جتوئي کي سڏ ڪيائون، جتوئي صاحب ۽ اسان سمورا واقعا کين ٻڌايا. هنن خاطري ڏني ته اوهان ڪو به خيال نه ڪريو. اليڪشن ۾ زور زبردستي ڪڏهين به ڪرڻ نه ڏيبي. ٻه پوليس وارا جتوئي کي ڏنائون نه هي اوهان جي حفاظت ڪندا. ڪليڪٽر مسٽر جتوئي کي چيو ته اوهان پنهنجا ماڻهو پولنگن تي

موڪلي ڏيو. جتوئي صاحب وري اسان کي ڪٺي موٽر تي ڪنيو. اچي خيرپور جوسي پهتاسون. آتي عبدالڪريم منگي پولنگ آفيسر هو. ڪليڪٽر ۽ ايس پي هن کي ڪجهه چئي هليا ويا. پوءِ جتوئي به واپس ويو. آئون اندر پولنگ اسٽيشن تي ويٺو هوس ته هڪدم اسراڻن جا نوڪر آيا ڌرين ويٺلن هيٺان اچي ڪرسي ڇڪي گاريون گند ڏيڻ. ٽڪون هڻڻ ۽ پوندا ڏيڻ لڳا. هو جيئن مونکي مارڻ لاءِ ويجها ايندا وڃن تيئن آئون هٽندو وڃي پيت سان لڳي پٽ تي ويهي رهيس، غنڊن مسخري ڪٺي مچائي. بيڙين جا دونهان منهنجي منهن ۾ اڇيو ڦوڪين ۽ طرحين، طرحين تعديون مونسان ڪندا رهيا. ڪيڏيءَ مهل ته ڪتا تي چڙهي سور تي آلر ڪري اچن ۽ اچيو چڪ به وجهن ۽ وڏيرا ٺهڪ ڏيو پيا خوش ٿين. اتي جو ويٺل وڏيرو فقيرمحمد انڙ ۽ اسراڻ حسن علي، اويس بگهئي ۽ غلام مصطفي آسراڻ ۽ ٻين ڪيترن وڏيرن اها منهنجي حالت اکئين ويٺي ڏٺي. ٻئي طرف ڪوڙا ووٽ ڏيارينڌا رهيا. منهنجا ڪي ٻيا ساٿي مزدور ڪارڪن ڪراچي کان آيل هئا. سي اها حالت ڏسي خبر ناهي نه ڪاڏي هليا ويا. نيٺ فقيرمحمد انڙ کٽ تي چڙهي ٻيهي مون ڏانهن نهاري چيو ته، تون ڪير آهين. مون پڇيس منهنجي ذات سان تنهنجو ڪهڙو ڪم. تنهن تي هي موڏي نهاري ۽ گهڻو توجهه ڏيڻ لڳو ۽ مونکي ناٿي هڏائڻ لاءِ تنگ ڪيائين تڏهن مون ڪيس پنهنجو

نالو ۽ ذات پڇائي تڏهن مونکي چيائين تــہ هائي اڇي ڪٽ تي ويھ. مون ڪٽ تي ويهڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيومانس تہ خان توهان جي خاني ماني مان ٺي معلوم ٿي. ڪالهوڪر مون توهان جي خاندانپ ۽ اخلاق سيڪجھہ ڏٺو وائنو. هن جي گهڻي اسرار ڪرڻ بعد اڇي ڪــٽ تي ويٺس. ماني لاءِ بہ چيائون ليڪن مون انڪار ڪيو. پوءِ هي اندر ويا اسين آتان واپس ورياسون. آن وقت بہ نڪو هو قاعدو نہ قانون. دہرو دونس ۽ غنده گردي هئي.

اسين اتان پيادل شام جو قنبر پهتاسون. ٻہن پولنگن جا بہ دوست اڇي گڏ ٿيا سيني اها حقيقت ڪئي. ڪن جا ڪپڙا ويا تہ ڪن جا ڪيسا ڪٽيا ويا. شام جو مونکي ڪنهن دوست خبر ڏني تہ توتي قاضي فضل الله سينئي ۽ جو وارنٽ ڪڍيو آهي. تون هينئر جو هينئر ڳوٺ وڃ آتان سنبري صبح جو حيدرآباد اچ. متان هرتي ٺي گرفتار نہ ٿي وڃين. ان بعد آئون ڳوٺ هڪ ڏينهن رهي ٻئي ڏينهن حيدرآباد آيس تہ اتي مونکي گرفتار ڪري ميرپورخاص آندو ويو ان بعد وري سکر موڪليو ويو.

سکر سينٽرل جيل - انهيءَ وقت مسٽر عيسائي سکر جيل جو سپريڊنٽ هو. مونکي ان جي آڏو پيش ڪيو ويو. هن مونکي ڏسي چيو تہ توکي خبر آهي تہ مان ڪير آهيان. مون چيو تہ مونکي اها خبر ڪانہ آهي تہ تون ڪير آهين. مونکــي چيائين تہ مان ڏڪڻ آهيان ڏڪڻ سڪل ڪانيءَ مان بہ ور ڪڍي ڇڏيندو

آهي. مان به تنهنجو ٽور ڪڍي ڇڏيندس. مونکي جيل جي وارڊ ۾ بند ڪيو ويو اتي بي ڪلاس جا قيدي رهندا هئا مگر انهن جو مونسان ڳالهائڻ بند هو ۽ ملاقات به بند هئي. پر خط به بند هو.

ڊاڪٽر خان صاحب جو پٽ خان عبدالله خان انهيءَ وقت انهي جيل ۾ بند هو. ان جي ڪوٺي مون سان گڏ هئي اهو مونکي ملندو هو. هن وٽ ريڊيو هو سو خبرون ٻڌي مونکي ٻڌائيندو هو. مسٽر سومرو سينئر جيلر هو جيڪو تمام بي رحم آفيسر هوندو هو. هڪ رات مونکي پيٽ ۾ ڏاڍو اچي سور پيو رات جو نه دوا نه درمل. صبح جو جڏهن آئون اسپتال وڃي رهيو هوس ته هن مونکي وچان ورايو چوڻ لڳو ته هي جيل آهي ڌرمسالا نه آهي مقدم کي به خوب گاريون ڏنائين بس مون کي دوا نه ملي. ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد مولوي عزيزالله شهدادڪوٽي، مولانا معاذ، عبدالخالق آزاد ۽ غلام محمد بام کي سيفٽي ۾ گرفتار ڪري سکر جيل ۾ آندو ويو. اسين گڏ رهياسون. هڪ ڏينهن اسان کي اچي چڪر ۾ رکيو ويو هو. اسين اتي هئاسون ته مسٽر عيساڻي آيو. اهو رمضان جو مهينو هو. مولوي عزيزالله هن ڏانهن توجهه نه ڏنو. جنهنڪري هو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ حڪم ڪيائين ته هنن ملن کي وڃي بند ڪيو ۽ بي ڪلاس کسي ورتو اتي اسان به احتجاج طور بي ڪلاس جو ڪاڊو وٺڻ بند ڪيو ۽ ڪتون واپس ڪيون انهيءَ

ڏي مسٽر عيسائي اسان کي انڊيرين ڪوٺين ۾ الڳ الڳ ڪري بند ڪيو. اسان بک هڙتال ڪئي. بعد ۾ مولانا معاذ بک هڙتال ۾ شريڪ نه ٿيا. تنهنڪري هنن کي جدا بند ڪيو ويو. هر روز ڌمڪائڻ ۽ تنگ ڪرڻ جيل وارن شروع ڪري ڏنو مگر اسان آخر بک هڙتال چالو رکي. عيد ڏينهن ڊاڪٽر خانصاحب جي پٽ عيسائي کي چيو ته هي سياسي قيدي آهن. هنن کي ايترو تنگ نه ڪر. تڏهن هن اسان کي ڪوٺين مان ڪوليو. خان پاڻ اچي اسان کي ڪوٺين مان ڪڍيو. آئون تمام ڪمزور ۽ هلڻ کان به هلاڪ هوس. مونکي ڪٽي بي ڪلاس ۾ آندو ويو. ڊاڪٽر آيو تنهن دوا پياري. غسل ڪيم تڏهن ڪجهه هلڻ جهڙو ٿيس. هڪ ڏينهن اوچتو رفيق مير محمد ٽالپر وڪالت نامون ڪٺي آيو جنهن رٽ داخل ڪرائي هئي. جنهن جي پيشي تي مونکي ۽ مولانا عزيزالله کي سکر جيل کان ڪراچي وٺي تي ويا. اها رات حياتي ۾ مونکي ڪانه وسرندي. هتن ۾ هٿڪڙيون چيلهه ۾ رسا سوڙهه ۽ اوجاڳو هڪ طرف ته وري چيلهه جي رسي اچي وڍڻ شروع ڪيو. اها رات مصيبت جي ڪاٽي صبح اچي ڪراچي پهتاسون. اسان کي بولٽن مارڪيٽ جي چاوڙي ٿاڻي تي رکيو ويو بي ڏينهن ٻه پارسين جي وڏي ڏينهن نوروز جي ڪري موڪل هئي تنهنڪري اهو ڏينهن اسان کي ڪراچي جيل موڪليو ويو. اتي ڪيترا پوليٽيڪل ورڪر بند هئا انهن سان ملاقات ٿي

هي ڏينهن اسان جي حبس ڪاوس هيٺ درخواست ملي
جسٽس ٽيب جي چيف جج هو. چيف ڪورٽ اسان ٻنهين
کي آزاد ڪيو. منهنجو وڪيل مسٽر طفيل علي عبدالرحمان هو.

گرفتار ٿيڻ کان اڳ سچائي اخبار جو اجراء:

گرفتار ٿيڻ کان اڳ مون ڏي هفتيوار سچائي جو
ڊڪلريشن مليو هو ۽ هڪ پرچو به حيدرآباد مان ڪڍيو
هوم. جيل کان آزاد ٿيڻ بعد به ٽي پرچا حيدرآباد جي
هاري حقدار پريس مان ڇپيام پوءِ پريس ۽ اچ وڃ جي
تڪليف جي ڪري مون ميرپورخاص مان اخبار جو
ڊڪلريشن ورتو ۽ هتان اخبار جاري ڪيم. اخبار جي
اجراءَ وقت مونکي آفيس ڪانه هئي مون مونسپالٽي جي
ائڊمنسٽريٽر مسٽر اين آر قاضي کان هڪ جاءِ الاٽ
ڪرائي ۽ انهي ننڍڙي ڪوٺي ۾ اخبار جو دفتر ڪيم.
اها ڪوٺي اسپتال روڊ تي هئي. اخبار سليس سنڌي هجڻ
ڪري تمام چڱي هلڻ لڳي. ۱۴ صفحن سان هفتي ۾
۱۵ سئو ڪاپيون ڇپيون هيون. سنڌ جي هفتيوار اخبارن
۾ خصوصن ٿرپارڪر ضلع ۾ هفتيوار اخبار سچائي نالو
چمڪايو ۽ دوستيءَ جو حلقو به ڏينهون ڏينهن ڪشادو
ٿيڻ لڳو. ڪيترن جاگيردار ظالمن زميندارن، راشي
ڪامورن ۽ مڪار ليڊرن جون مُرليون بند ٿي ويون.
ان وقت چنگاري اخبار جو ايڊيٽر عبدالله نالي سمون
ذات جو هڪ غريب ڇوڪرو هوندو هو. جو به مون
وٽ رهندو هو ۽ اخبار جو به ڪم ڪندو هو. رفيق

غلام حيدر بلوچ ۽ رفيق ١٠ ۾ لغاري. رفيق محمد حسن بلوچ ٻه ڪجهه وقت سچائي جي اداري جو سچائي سان ڪم ڪيو. ٻي طرف هاري آفيس ۽ جلوس ۽ جلسن جو پروگرام به چالو هو. ان ڏينهن اسان ٽنڊي جان محمد ۾ هارين جو هڪ جلسو ڪيو هو. اتي جي مير خدابخش خلاف مقامي هارين ۽ مالهين شڪايت ڪئي هئي. مون اها شڪايت سچائي ۾ شايع ڪئي. مير وري همدرد اخبار ۾ ان جي ترديد ڪئي. ان تان اسان جو جواب الجواب شروع ٿي ويو. مير مون تي بدنامي جو ڪيس ڏکڙي ۾ ڪيو اهو ڪيس جي-آر-ايم جي ڪورٽ ۾ هلندو رهيو. انهي جهاد ۾ ٣،٤ مهينا گذري ويا ليڪن سچائي جو قلمي جهاد چالو رهيو. ان بعد وري ٽنڊي جان محمد ۾ هڪ هاري جلسو رکيو ويو هو. مختلف طرح ان جلسي کي روڪڻ لاءِ هن ڪئين ڪوششون ڪيون ليڪن اسان اهو جلسو ڪاميابيءَ سان ڪيو. تنهن تي هن هڪ سي-آءِ-ڊي جي هيڊ ڪنسٽيبل راجه واجد علي پنجابي کي ڏوڪڙ ڏئي اسان جون تقريرون غلط نوٽ ڪرائي مٿي موڪلي ڏنيون. انوقت سنڌ ۾ گورنري راڄ هو. سنڌ جو گورنر مسيح الدين نالي هڪ نيڪ انسان هو جنهن سان هن کان اڳ ٢،٣ دفعا مليو هوس. هڪ هاري وفد ۾ ٿر جي قحط ڪميشن تي هن مونکي مقرر ڪيو هو ۽ هن انوقت وعدو ڪيو هو ته ڪنهن به هاري ڪارڪن کي سيفٽي ايڪٽ هيٺ جيل ۾ بند

نہ ڪندس. جڏهن مون جي هي تقرير هن کي پهتي تہ هن اسپيشل پاور مسٽر انور عادل کي ڏيئي ۽ جج مقرر ڪيو. ١٢۴ الف ١٠٣ الف قانون هيٺ ڪيس جي هن منظوري ڏني جا ڳالهہ گزيٽ ۾ بہ پڌري ٿي چڪي هئي. مگر اسين بي خبر رهياسون. انهن ڏينهن ۾ ميرپورخاص شهر ۾ اتي جي قلت جي ڪري جيڪو ڏينهن مون ملهايو هو جنهن ۾ تاريخي جلوس ڪڍيو هو تنهنڪري سڄي شهر ۾ منهنجي عزت هئي ۽ ميونسپل جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. مون وٽ هڪ دوست آيو جنهن چيو تہ توهان اليڪشن ۾ اميدوار بيهو. چاڪاڻ تہ انکي بين دو تن صلاح ڪري مون ڏي موڪليو هو. مونوٽ ان وقت ڊپازٽ لاءِ بہ هڪ پئسو ڪونہ هو. هنن ڊپازٽ ڏنو نامونيشن پيري. نشان ڏيئي آئون انهي ڏينهن راسجاڳي جي ميلي تي هليو ويس. جت تي ڏينهن هاري ڪانفرنس هئي. لائوڊ اسپيڪر بہ هو. مون ۽ رفيق مير محمدخان ٽالپور اتي خوب تقريرون ڪيون هيون. آخري ڏينهن صبح جو رفيق ميرمحمد چاچي علي محمد وارن جي جيپ تي ٽبي سر روڊ هليو ويو ۽ آئون اتان شام جو ميرپور خاص وڃڻو هوس. صالح سنيرهہ اسٽيشن تي پهتس تہ سي-آءِ-ڊي پوليس سان ڀريل هڪ لاري. اتي اچي نڪتي جنهن کي ڏسي مون صحيح ڪيو تہ اهو مڙيئي گرفتاري جو سامان آهي. سو آئون تيار ٿيس. هنن کان مون پڇيو ڇا ڳالهہ آهي. بسترو ٻڌان ڇا؟ هنن ورائيو تہ هائو. مون

لاڙود اسپيڪر واري کي پنسا ڏنا ۽ لهي پاڻ کي گرفتار ڪرائي لاري تي چڙهيس- هي نبي‌سر روڊ هلڻ لڳا ۽ ٻڌايائون ته ميرمحمد کي گرفتار ڪرڻو آهي- رات جو دير سان نبي‌سرروڊ تـي پهتا- آڏون لاري تي رهيـس- هي ميرمحمد کي به گرفتار ڪري وٺي آيا- ميرپورخاص پهتاسون آتي لاڪپ ۾ بند ڪيائون- صبح جو مسٽر انور عادل جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون- جنهن ڪيس جي حقيقت ٻڌائي وڪيل ڪرڻ لاءِ چيائين شنوائي ملي- پاڻ ازخود جيل تي اچي اسانکي سهوليت ڏنائين- ۽ بي ڪلاس جو مڪمل انتظام ڪرائيئين- اسانجي لاءِ دوستن ڪوشش شروع ڪري ڏني- وڪيل لاءِ پهرين شنوائي تي مسٽر چوڌري عبدالجبار مقرر ڪيو ويو- ان کان پوءِ مسٽر ڏيئل‌مل کي وڪيل ڪيو ويو- دوستن کي خيال هو ته ڪيس ڪوڙو آهي- ٿورو وقت هلندو- سرڪاري وڪيل مسٽر غلام‌نبي تمام هوشيار وڪيل هو- تنهنڪري ان جي مقابلي واسطي اهي وڪيل ڪيا- ويا ڪيس هلڻ شروع ٿيو- ڪيس جي بچاءَ واسطي غلام‌محـمد لغاري سليم لغاري ۽ چاچا علي‌محمد آرائين سرتوڙ جـدوجهد ڪئي- ان سان گڏ ٻين سيني عزيزن ۽ دوستن به پنهنجو پاڻ چڱو موڪيو- ٻي طرف مونکي سزاياب ڪرائڻ واسطي سي-آءِ-ڊي جي هيڊ ڪنسٽيبل ۽ فريادي اميرحسين شاهه مير خدابخش خان تمام گهڻي ڪوشش ڪئي- مير ته پنسا خوب هاريا ته ڪيئن به ڪري اسان کي سزاياب

بڻائي- مون تي مير جو اڳيون بدناموسي وارو ڪرايل ڪيس ڊگهوڙي ۾ هلندڙ هو- آئون انهي ڪيس جي شنوائي تي ايندو هوس انهيءَ ڪان پوءِ مون ڪيس جي ٽرانسفر ڪرائڻ جي درخواست ڪئي ۽ اهو ڪيس به ميرپورخاص جي اي-ايم-آر-ايم جي ڪورٽ ۾ آيو- ان وقت مسٽر اوديس جج هو- انهي وقت ٻاهر ميونسپل چونڊن جو به زبردست ڇهچٽو ۽ پروپيگنڊا چالو هئي- منهنجو پانسنگهه آباد جي غريب مزدورن جو پيپر پريل هو- مير، مير محمد خان ۽ برادرم محمدحسين بلوچ- مسٽر اميرالدين ندوي ۽ ٻين ڪيترن دوستن ۽ ڪرم فرمائن انهي اليڪشن ۾ منهنجي ڪلي توڙي اندروني ڏاڍي امداد ڪئي- جيل ۾ هجڻ جي باوجود آئون انهي تڪ مان ڪامياب ٿيس ۽ مسلم ليگ جي سيڪريٽري کي سخت شڪست نصيب ٿي.

اسان جو ڪيس هلندو رهيو- منهنجي پرپٽ منهنجي انهيءَ ڪاميابي جي ڪري ڪيترن مقامي توڙي ضلع جي سياستدانن کي اهو خيال اچي دل ۾ ويٺو ته هي ماڻهو جيڪو جيل مان ئي ڪامياب ٿيو آهي سو جي ٻاهر هوندو ته پوءِ يقينن ايندڙ اليڪشن ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪندو. صوبائي اسيمبلي جون چونڊون ٿيڻيون هيون- تنهنڪري انهن سيني سزاياب ڪرائڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ورتي- هي طرف ڪيس کي به اينگهايائون- منهنجي دوستن به مخالفن جي ڪوشش کي ڏسي بنهنجي

آزادي جي جدوجهد سرگرم ڪئي- پهريون سنڌ ۾ مثال هو جو هڪ قيدي بغاوت جي جرم هيٺ گرفتار ٿيل جيل مان ڪامياب ٿي ٻي طرف پويان سچائي پريس به آب تاب سان هلندي رهي- جيل ۾ هر طرح جي سهوليت ۽ سڀڪا شئي ملندي رهي- ڪيس ساڍا چار مهينا هلندو رهيو- نيٺ ڪيس پورو ٿيو ۽ مسٽر انور عادل اسانجي فتوا جي شنوائي دربار هال ۾ رکي- اسان کي يقين هو ته ڪيس ۾ ڪجهه به ڪين آهي- مسٽر ڊيمل مل ڪيس نهايت محنت سان هلايو هو مگر اسان جي توقع جي خلاف فتوا جي وقت کان اڳي دربار هال کي پوليس جي پهري هيٺ رکيو ويو— پوليس جو گهيرو مڪمل رکيو ويو هو- اسان جي فتوي ٻڌڻ لاءِ تمام گهڻا ماڻهو آيل هئا- اٽڪل ٻارهين بجي مسٽر انور عادل آيو ۽ اسانکي اندر گهرايائين ۽ هر هڪ کي ڇهه، ڇهه سال جيل جي سزا سڻايائين- ڪيترا همدرد سزا ٻڌي ڏڪي ويا ۽ رنا پي- اسين ڪلمدا ٻاهر نڪتاسين ته دربار هال لڳ پوليس جي لاري بيهاري ويئي هئي- اسان کي ان ۾ ويهاري سينٽرل جيل حيدرآباد آندو ويو- ڪورٽ اسان کي بي ڪلاس ڏياريو- جيل ني پهچڻ شرط ساڌي گهرائي ڪاڌي سين- دوستن اپيل ڪئي ۽ ضمانت جي درخواست به پيش ڪئي- نڪي ضمانت جي درخواست منظور ٿي نه وري اپيل هلي- انهيءَ وقت جيل ۾ راولپنڊي سازش وارا ڪي قيدي جنرل اڪبرخان، محمدحسين، ڪئپٽن

ظفرالله به هئا. باقي ٻين قيدين کي ٻين جيلن ۾ ٽرانسفر ڪيو ويو هو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هڪ ٻئي سان ملندا پيا هئاسون ۽ جيل جا ڏينهن ٻئي گهارياسون. رفيق ميرمحمد خوش طبعي ۽ مزاح ۾ مشهور آهي. اهڙي ريت جيل جا ڏينهن بي گذرياء ايترن ڏينهن ۾ به نه اپيل هلي نه ضمانت ٿي. آسرو لاهي جيل اندر پي ڏينهن گهارياسون. پوءِ والد صاحب سخت بيمار هو. هن کي اسپتال داخل ڪيو ويو هو. منهنجي پيرول تي آزادي جي درخواست ڏني ويئي هئي. آئون ٥ ڏينهن لاءِ پيرول تي آزاد ٿيئس ۽ ڳوٺ ويس. والد صاحب جي دوا درمل جي ڪوشش ڪيم ۽ ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست وڌم. اتان ضمانت منظور ٿي آئي. آئون ۽ رفيق ميرمحمد ضمانت تي آزاد ٿياسون. انهيءَ ڪانپوءِ مون وري اخبار شروع ڪئي ۽ آهستي، آهستي پريس جا اکر ڪيس، ٽائيپ وغيره خريد ڪيم. پوءِ مزدورن ۽ هارين ۾ ڪم ڪندو رهيس ۽ هاري تحريڪ ۾ آئون جنهن وقت جيل ۾ هوس مونکي نائب صدر ڪري چونڊيو ويو هو. سنڌ هاري ڪاميٽي جي نائب صدر جي صورت ۾ جلسن، ميٽنگن ۾ شرڪت ڪندو هوس. ڪجهه وقت ڪانپوءِ رفيق جتوئي جو ان وقت صدر هو ان کي گرفتار ڪيو ويو. انهي وقت آئون ايڪٽنگ پريزيڊنٽ هاري ڪاميٽي هوس. جتوئي صاحب آزاد ٿي آيو. ڪجهه اختلافن جي ڪري آئون جناب قاضي فيض محمد،

ميررسول بخش خان عوامي ليگ ۾ شريڪ ٿياسون. ميرپورخاص ۾ وڏو جلسو ڪيوسون. مير رسول بخش، عثماني صاحب ۽ قاضي صاحب آتي آيا. هن جو جلوس بہ ڪڍيو ويو. ميرپورخاص جي حد اندر مزدور يونينون منهنجي هٿ هيٺ هيون. انهيءَ کان پوءِ مونکي آل پاڪستان عوامي ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر نامزد ڪيو ويو ۽ انهي وقت لاهور ۾ ورڪنگ ڪاميٽي جي هڪ ميٽنگ ٿي انهيءَ ۾ آئون ويس. آتي مسٽر سهروردي، مسٽر ابوالمنصور، مسٽر عطاءالرحمان آيا. انهن سان ملاقات ٿي ۽ ٻيا پنجاب، سرحد، بهاولپور جا عوامي ليگ ليڊر ملڻ آتي آيا. مسٽر سهروردي سنڌ جي دوري تي هڪ ڏينهن هلڻ لاءِ چيو. ٻين دوستن دعوت نہ ڏني جو آها ڪانفرنس چئن ڏينهن ۾ آرگنائيز ڪرڻي هئي. پر مون ميرپورخاص اچڻ لاءِ مسٽر سهروردي کي دعوت ڏنيءَ هن صاحب ميرپورخاص اچڻ قبول ڪيو. آئون سڌو ميرپورخاص آيس ۽ ڪانفرنس جي تياري ڪيم. مقامي ڪارڪنن ۽ مزدورن جي مدد سان ڪانفرنس جو انتظام ڪيو ويو. مسٽر سهروردي ڪانفرنس تي آيو. سندس زبردست جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ هزارين هارين، مزدورن گڏهہ گاڏيون، ٽانگا شريڪ ٿيا هئا. رات ميونسپل مسافرخاني ۾ عاليشان پنڊال ۾ زبروست جلوس ٿيو. مسٽر سهروردي تمام گهڻو خوش ٿيو. هي صاحب سمورو وقت منهنجي غريب خاني تي سچائي منزل ۾ رهيو ۽ دال روٽي

به آئي ڪاڏائين- ورڪرس جي ميٽنگ به آئي ٿي- جلسي
کان پوءِ مير رسول بخش سان گڏ هي آڻان موٽر رستي
روانو ٿيو- قاضي فيض محمد صاحب به گڏ آيل هو سو
رات ڏي واپس نواب شاهه ويو- مسٽر سهروردي
انهيءَ ڪانفرنس کان تمام گهڻو متاثر ٿيو- ڪراچي
پهچڻ تي مونکي هڪ خط لکيائين جنهن ۾ منهنجي تمام
گهڻي تعريف درج هئي- مستقبل شاندار واري حياتيءَ
جي پيشنگوئي ڪئي هئائين.

انهيءَ کان پوءِ سنڌ عوامي ليگ جون چونڊون
ٿيون- جنهن ۾ سنڌ عوامي ليگ جو نائب صدر چونڊيس-
۽ آل پاڪستان عوامي ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ
جو ميمبر اڳي هوس- انهيءَ وچ ۾ مسٽر سهروردي
پاڪستان جو وزيراعظم چونڊيو ويو ۽ هي هڪدم چين
جي دوري تي ويو- آڻان جڏهن واپس موٽيو ته هن جي
شاندار آجيان ٿي- آئون به انهيءَ وقت ڪراچي ۾ هوس
انهي کان پوءِ هي بغداد پيڪٽ جي ميٽنگ ۾ شريڪ
ٿيو- آئي هن آمريڪن، انگريز ايجنٽ جيئن پارٽ ادا
ڪيو- پارٽيءَ ۾ انهيءَ تي سخت اختلاف ٿيو- جنهن تي
مخالفت وڌي ويئي- مسٽر عثماني ۽ مولانا ڀاشاني اختلاف
ڪيو- آنهيءَ کانپوءِ اوچتو يهودين مصر تي حملو ڪيو-
اسان مصر جي مدد ۾ سخت مظاهرو ڪيو ۽ ان باري
هڪ عظيم الشان جلسو به ڪيوسون- ان ۾ تجويزون
پاس ڪري موڪليون سين، سوويت يونين اعلان ڪيو

ته جنگ بند ڪئي وڃي- نه ته ٢٤ ڪلاڪن اندر پئرس ۽ لنڊن تي بم وسائيندا سون. انهيءَ دڙڪي تي لڙائي بند ٿي- انهيءَ ڪانپوءِ مسٽر سهروردي واپس آيو. هن عوامي ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽي جي هڪ ميٽنگ پرائم منسٽر هائوس ۾ گهرائي- ان ۾ اسان جي گروپ سخت مخالفت ڪئي هئي- مسٽر سهروردي وزيراعظم هجڻ جي حيثيت ۾ ڪيترن غنڊن کي پرائم منسٽر هائوس ۾ گهرائي ميمبرن کي خوب ڌمڪايو هو- مگر اسان جي گروپ سخت مخالفت ڪئي- مسٽر سهروردي ان وقت ڪيترن ميمبرن کي نامزد ڪيو ۽ انهن ڪان رت آٿائي مسٽر عثماني کي جنرل سيڪريٽري شپ تان لاتو ويو- اهڙي ريت ٻي به هڪ ميٽنگ تي جنهن ۾ اسان سخت مخالفت ڪئي- اهو منظر به هڪ عجيب قسم جو هو- هڪ طرف پاڪستان جو وزير اعظم ۽ عوامي ليگ جو وڏو هو- ٻي طرف اسين چند غريب ۽ مسڪين ساٿي هئاسون- مگر هن جي ڪروفر ۽ جاهه و جلال جي اڳيان ڪنڌ نه جهڪايوسون- پوءِ انهن اختلافن جي ڪري اسان کي پارٽي ڇڏڻي پيئي- ٻين ڪيترن لکن جا فائدا به حاصل ڪيا- مگر الحمدالله جو اسان پنهنجي اصول کي قربان نه ڪيو ۽ نه وري ايڏي وڏي هستيءَ اڳيان ڪو ڪنڌ کي جهڪايو- ان ڪان پوءِ سگهو ئي ويسٽ پاڪستان جي مخالف پارٽي ۽ جماعتن گڏجي هڪ نئشنل پارٽي ٺاهي- هتان جا ليڊر مولانا ڀاشاني کي بنگال ۾

وڃي مليا ۽ ان کي گڏجڻ لاءِ آماده ڪيائون. ابتدائي ڳالهين کان پوءِ مولانا ڀاشاني ڍاڪا ۾ هڪ آل پاڪستان پوليٽيڪل ورڪرس ڪنوينشن ڪوٺايو. سنڌ مان پنهنجي رفيقن سان گڏ آئون به ڍاڪا ويس. اهو منهنجو پهريون دفعو هوائي جهاز جو سفر هو. اسين ڪراچي کان سڌو هوائي جهاز ۾ سوار ٿي ڍاڪا پهتاسون. اتي تيج گاوُن جي هوائي اڏي تي محترم جي ايم سيد ۽ ٻيا ساٿي به بيٺل هئا. اتي جلسي جو بندوبست ڪيل هو. ماڻهن ڏاڍي پيڙهه ڪئي. اسٽري ۾ پوليس جو هڪ ڪپتان آيو. ١٤٤ جو آرڊر ڏيئي چيائين ته جلسو بند ڪريو. مولانا پنهنجي تقرير ختم ڪري دعا گهري. دعا ختم ٿيڻ کان بعد اسين اٿ ويهي رهياسون ته غنڊا پٿر اڇلائيندا رهيا. جيستائين اسان جي رفيقن جلسي جو سامان گڏ ڪري ورتو. پوءِ اسين جلوس جي صورت ۾ واپس موٽياسون ته سامهون جاين تي چڙهي انهن غنڊن وري به اسان تي پٿر وسائڻ شروع ڪيا. اسان به خوشيءَ سان اهي پٿر پنهنجي تي وسائيندا هلندا رهياسين. پشاور جي وڪيل محمدافضل تي غنڊن سخت حملو ڪري هن کي زخمي ڪري وڌو. گويا قيامت صغرا جو منظر هو. سموري پوليس غنڊن جي حمايت ۽ همدردي ۾ هئي.

اسين رهائش گاه تي پهتاسون. شهر ۾ پوليس لاٺي چارج ۽ هوائي فائرنگ به ڪئي. ٻي ڏينهن تي سڀ ليڊر واپس وريا. مون خيال ڪيو ته ڪجهه وقت بنگال جو

ڪجي.
هڪ بنگالي رفيق سان اها ڳالهه ڪيم. هو ڏاڍو ٺيو ۽ مونکي سندس جاءِ تي وٺي ويو. ٻي ڏينهن لانچ تي سوار ٿي هن جـي ڳوٺ روانا ٿياسون. جي سرزمين پاڻي ۽ ٻيڙين جو ملڪ آهي. هتي بادي سٺي ۽ چانور آهي. آئون ماڻڪ گنج ڪـي طرح گهميس ۽ سڄي سب ڊويزن جو دورو ڪيم ۾ هڪ اسپتال گهمڻ ويس آتي ڇوڪرين جو ۽ اسڪول ڏٺم. اُها اسپتال هڪ هندو خيراتي ٺهرائي ٻا تائين اسپتال سندس ڪيل وقف ملڪيت مان هي آهي. اسپتال جي مئنيجر يا سنياالدار سيٺ جي ڏٺي. ان کي به ملياسون. هن اسپتال ۽ اسڪول اڇيءَ طرح گهمائي ڏيکاريو ۽ هڪ ڪتاب به ڏنائينهون ۾ سيني جون تصويرون ۽ اسپتال، اسڪول جو ۽ هو. انهي ڪان پوءِ آئون واپس ڍاڪا پهتس. اتان ٿي جهاز رستي ڪراچي آيس. ڪراچي ڪانپوءِ سڌو نـ آيس.

ـي جو آجراءُ باقاعده چالو هو. ان ڪانپوءِ نئشنل، امي پارٽي جو ڪنوينر ضلع ٿرپارڪر جو ٿيس ڏرت ۾ جون چونڊون ٿيون اتي صدر چونڊيس. انهي ڪانپوءِ ۽ پارٽي چونڊ ۾ پارلياماني بورڊ ورڪنگ ڪاميٽي مغربي پڪستان جي نمائندگي لاءِ چونڊيو ويس. الائي هارين جي جدوجهد لاءِ هڪ ڪئمپ قائم ڪئي ويئي

هئي- جنهن جو نالو شهيد مائي بختاور الائي هاري رکيو ويو- انهيءَ ڪانسواءِ هارين، مزدورن ۾ آڻڻ لاءِ هنن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪيم ۽ ا منهنجي زندگي جو مقصد به اهو ئي رهيو آ ته مرڻ گهڙي تائين رهندو.

تازو مارشل لا ملڪ سان لاڳو ٿيو مونکي ١٥ ١٩٥٨ تي ميرپورخاص مان گرفتار ڪري ه ويو آهي- هن وقت جيل ۾ آهيان- هيءَ آهي ي مختصر زندگي جي آکاڻي ۽ زندگي جو خاتمو بنا ڪنهن وڌاءُ جي لکيو اٿم- فقط اهو ارادو ي ڪيم ته مونکي پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون ن ۽ دوستن لاءِ به ڪجهه سوچڻ جو سبب ٿين ٻن- ان ڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه مقصد ڪونه آ اميد اٿم ته هي منهنجو لکيل احوال ٻاهر پهچندو جيل کان آزاد ٿيڻ بعد ضرور ڪنهن ڪم جو ٿيندو

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)